# مرڪ تنهنجي جو قسم

(شاعري)

حاجي علي ڏنو ”علي عاجز“ لُنڊ

ڪمپوزنگ: اشفاق احمد ٽالپر

پروف ريڊنگ: شاهنواز سومرو

Voice of Sindh E-Book

editor@voiceofsindh.net

www.voiceofsindh.net

# ارپنا

هي مُرڪ ارپيم پنهنجي مرحوم پياري والد صاحب کي جيڪو ٻاهران ٽڪجي اچڻ جي باوجود ٻه مون کي ڏسي هڪدم مُرڪي ڏيندو هو.
۽ جنهن مفلسي جي حالت ۾ به مون کي علم جهڙي دولت سان نوازيو ۽ ارپيم پنهنجي محترم جيجل منٺڙي پياري امڙ صاحبہ کي جنهن منٺڙين لولين سان گڏ پنهنجي اکڙين کي اوجاڳا ڏيئي مون کي نپائي جوان ڪيو.

”علي عاجز“

# پنهنجي پاران

اِهو مثال مشهور آهي ته نالي چڙهيو چور سزا ڪائي ۽ نالي چڙهيو واپاري ڪٽيو ڪائي، اڪثر ڏٺو ويو آهي ته ڪنهن ناماري شاعر جي شاعري پلي ڪٽي شاعري صفتن ڪان گهٽ هجي ته به ماڻهو انهي کي پسند ڪندا آهن. انهي ڪري ڪي اهڙا شاعر آهن جو گهٽي جاڪوڙ ڪري به منظر عام تي اچڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ ڪامياب ويندا آهن، ۽ آئون انهن ۾ٺهي ڳالهين ڪان سَڪٽو آهيان، چو ته نه آئون ڪو وڏو ۽ نالي وارو شاعر آهيان ۽ نه ئي وري ڪا منظر عام تي اچڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. سڀ ڪنهن جا پنهنجا نظريا، پنهنجا خيال هوندا آهن. منهنجو نظريو اهو آهي ته گل ۾ اگر خوشبوءِ هوندي ته پؤنر از خود ان کي ڳولي اچي لهندا. ۽ هزارين ان جا خريدار ٿيندا. هِتي مون کي هڪ نقل ياد آيو آهي ته جڏهن حضرت يوسف عليه السلام جي مصر ۾ نيلامي ٿِي تڏهن وڏا وڏا سوداگر اچي گڏ ٿيا. هڪ ٻُيڏڙي مائي ڏاس (ٻڪري جا وار) جون چند ڍيريون ڇَليءَ ۾ وجهي ڪٽي آئي. ماڻهن چيس ته او ٻُيڏڙي انهن ڍيرين تي توکي يوسف ملندو؟ وراڻيائين ”ابا اهو آئون به ڏسان پئي ته يوسف مون کي ڪونه ملندو، پر جڏهن يوسف جا سوداگر ڳڻبا ته اُنهن ۾ منهنجو نالو به ضرور ڳڻبو. آئون ان ارادي سان آئي آهيان، ته يوسف جي سوداگرن ۾ شمار ٿيان. حقيقت ۾ منهنجو مقصد به اهوئي آهي ته شاعرن جي صف ۾ آئون شامل ٿيان. انهي ڪري ٽٽل ڦٽل لفظن جي شاعري ڪئي اٿم. ٻئي صورت ۾ شاعري جي شين ڪان به واقف ڪون آهيان چو ته شاعري جا پنڌ پري آهن جيئن ته شاعري الله تعالىٰ طرفان هڪ سهڻو انعام آهي. پوءِ جنهن کي جيترو چاهيندو آهي ايترو عطا ڪندو آهي. پوءِ اها شاعر جي مرضي تي آهي چڱن لفظن ۾ پيش ڪري چاهي فحش ڪلامي سان بيان ڪري. پر گهرجي ته ائين جو انهيءَ انعام کي اهڙي

نموني ظاهر ڪري جيئن معاشري جو خانو خراب نه ٿئي ۽ ادب جا لاهه نه نڪري وڃن. اڄ ڪلهه جي شاعري گهٽي پاڳي اهڙي آهي جو نئين نسل جي تباهي ٿي وئي آهي ۽ ٿي رهي آهي. ۽ انهي سان گڏ ادب جي به جڙ ڪٽجي رهي آهي. شاعري ڪا معمولي ڳالهه ناهي. وڏن مدبرن شاعري کي پيغمبري چيو آهي. شاعري جا ٻه قسم آهن 1. قلبي 2. قلمي. قلبي شاعري اها آهي ته شاعر جي زبان مان بي اختيار لفظن جي پالوٺ ٿي ويندي ۽ ڪابه رڪاوٽ نه هوندي آهي. پٺائي گهوٽ، بابا بُلي شاهه، سچل سرمست، خواجه غلام فريد وغيره قلبي شاعر هئا. جن کي پنهنجن لفظن تي اختيار نه هو. اهوئي سبب آهي جو سندن ڪجهه شاعري مذهب جي ضد ۾ آهي.

۽ قلمي شاعري اها آهي، جو قلم ۽ ڪاغذ کڻي سوچي ويهي لکجي. انهيءَ ۾ شاعر اختيار وارو آهي جيڪو هن کي وڻي سو لکي. هن دور ۾ قلبي شاعر مشڪل سان ڪٿي هجن. باقي اسان جهڙا ته لکن ڪان به گهڻا ملندا. ۽ هونئن به هن وقت شاعري اهڙي سستي ٿي ويئي آهي جو جيڪو پنهنجي گهر وارن کان ٿو ڪاوڙجي سو شاعري پيو ڪري. پوءِ جهڙا مِير تهڙيون مهمانيون. جهڙا روح تهڙا ختما. جهڙا شاعر تهڙا شائقين مڙيئي پيو گاڏو هلي ۽ هلندو رهندو. اسين نه هونداسون ته ٻيا هوندا.

خير انديش

**حاجي علي ڏنو "علي عاجز" لُنڊ**

# پنهنجي سڃاڻپ

نالو: حاجي ڏنو عرف علي محمد لنڊ بلوچ

ولد: امير بخش لنڊ بلوچ

ولادت: سال، 1947ع

تعليم: قرآن شريف، ۽ چار ڪلاس سنڌي

ڪتاب ڇپيل:

1. مواعظ مصطفين
2. اسرار الساڪين
3. خطباتِ علي

پتو: ريلوي ڦاٽڪ روڊ بدين

ادبي نالو: "علي عاجز"

* * * * * *

مُحب آيو محبتون، مُرڪي پيون،
هَڙ ورهين جون حسرتون، مرڪي پيون.

چند ستارن ساڻ، گڏ جهومي اٿيو،
چئني طرفن، زينتون مرڪي پيون.

رنگ بهارن جا پريا، باغن اندر،
مکڙين جون مُسرتون، مرڪي پيون.

دشمنن جي دل سَڙي، اِن ساڙ ۾،
ڪُلفتون ويون، قربتون مُرڪي پيون.

نين منهنجا پيا ٺري، دلبر ڏسي،
سڪ لٿي سڀ، صحبتون مُرڪي پيون.

ڏاڍو سورن هو ستايو ساه کي،
فيض پهتو، فرحتون مُرڪي پيون.

انتظارن جون گهڙيون، ساريون ختم،
اڄ "علي" خوش، الفتون مرڪي پيون.

—— —— ——

ڪنهن ڪي رنجائڻ سڪيا نه آهيون،
دل ڏُکائڻ سڪيا نه آهيون.

اسين ته آهيون، ڪُل مُک ماڻهون،
منهن گهنجائڻ سڪيا نه آهيون.

جنهن سان لايون، تنهن سان نڀايون،
اڌ ۾ رُلائڻ سڪيا نه آهيون.

پنهنجا آنسو پِي ڇڏيون ٿا،
لڙڪ وهائڻ سڪيا نه آهيون.

ڪجهه نه چاهون ٿا، ساز سُرن مان،
ڳائڻ وڄائڻ سڪيا نه آهيون.

محبت ۾ سر ڏيئي سگهون ٿا،
زد ۾ جهڪائڻ سڪيا نه آهيون.

گل جي خوشبوءِ، گل ئي ڏيندو،
پاڻ پڌائڻ سڪيا نه آهيون.

عشق ”علي“ استاد اسان جو،
پيار ڀُلائڻ سڪيا نه آهيون.

— — —

اڇوڪا دلبر، ڪڏهن ڪنهن جا ڪڏهن ڪنهن جا،
هي سودي باز سوداگر، ڪڏهن ڪنهن جا ڪڏهن ڪنهن جا.

حَسينن جي هلي پَس تون، ڪهڙي حالت آ ڪِلبن ۾،
بدن ۾ پيا اٿن پاڪر، ڪڏهن ڪنهن جا، ڪڏهن ڪنهن جا.

ڏسي پئسا ايندا پاسي، بنان پئسي ڪندا پاسو،
مفادي مطلبي ماهر، ڪڏهن ڪنهن جا، ڪڏهن ڪنهن جا.

پنهنجي مُلهه سان وٺي هر ڪو، سگهي ٿو چيز بازاري،
سواري لاءِ هي موٽر، ڪڏهن ڪنهن جا، ڪڏهن ڪنهن جا.

مٽائي پارٽي ويندا، جٽي سرسي هوندن سُجهندي،
گهڻا لوٽا آهن ليڊر، ڪڏهن ڪنهن جا، ڪڏهن ڪنهن جا.

مصر جي شهر ۾ ٿئي ڏس، نبي يوسف جي نيلامي،
پرايا ڇڏ پنهنجا پائر، ڪڏهن ڪنهن جا، ڪڏهن ڪنهن جا.

سچو ڪو ڪو سَون ۾ هڪ، باقي سڀ دوست درباري،
”علي عاجز“ اهڙا شاعر، ڪڏهن ڪنهن جا، ڪڏهن ڪنهن جا.

— — —

تنهنجـــي قابــل مــان تـــ ناهيـــان، مُـــرڪ تنهنجـــي جـــو قســـم،
پـــاڻ کـــي ڪيـــڏو بــ ڻاهيـــان، مُـــرڪ تنهنجـــي جـــو قســـم.

شــــاعري منهنجــــي ڪـــان، محبـــوب تـــون آهـــين مٿـــــي،
هـــڪ غـــزل ڻاهيـــان ۽ ڊاهيـــان، مُـــرڪ تنهنجـــي جـــو قســـم.

جيـــئن پيـــو دم دم ڏڪـــارين، تيـــئن آهيـــان تنهنجـــي قريـــب،
چـــاهـ وڌي ســـان تـــو کـــي چاهيـــان، مُـــرڪ تنهنجـــي جـــو قســـم.

تـــو کـــي رب آهـــي بنـــايو، وانـــدڪائي ۾ ويهـــي،
ذات ان جـــي کـــي ســـاراهيان، مُـــرڪ تنهنجـــي جـــو قســـم.

تنهنجـــي نيـــڻن جـــا نمونـــا، ڪـــنهن نـــ نـــازڪ ۾ ملـــن،
ســـپ ڪـــنهن کـي ڏسـندو مـان آهيـان، مُـرڪ تنهنجـي جـو قسـم.

زنـــدگي ۾ هـــڪ دفعـــو "عـــاجز علـــي" وٽ جـــي اچـــين،
مـــڻ ميـــواتن جـــا ورهايـــان، مُـــرڪ تنهنجـــي جـــو قســـم.

— — —

ارمانن ڪي ننڊ اچي وئي،
جذباتن ڪي، ننڊ اچي وئي.

ڪنهن تي ڪوئي، ڏک نہ ٿيئي ٿو،
احساسن ڪي، ننڊ اچي وئي.

آهون دانهون، بند ٿيون آخر،
ديوانن ڪي، ننڊ اچي وئي.

شهر سڄو ئي سُڄو لڳي پيو،
بازارن ڪي ننڊ اچي ويئي.

ڪوئي مدد لئہ، ڪون ٿو نڪري،
ڳوٺ وارن ڪي، ننڊ اچي ويئي.

ڪم انهن جا، ماڻهون ڪن پيا،
شيطانن ڪي، ننڊ اچي ويئي.

پيار پيرن ۾، ٿُڏجي پيو ٿو،
قدر دانن ڪي، ننڊ اچي وئي.

قيـــــد ۾ بلبــــــل، گــــــل مُرجهايـــــا،
گلســــــتانن ڪــــي، ننـــــڊ اچـــــي وئـــــي.

چپـــــرا پيـــــا ڪــــــن، چلولايـــــون،
شــــــهبازن ڪـــــي، ننــــڊ اچـــــي وئـــــي.

ديــــــن ٽيــــــو، بــــــي ديــــــن حــــــوالي،
مســـــلمانن ڪــــي، ننــــڊ اچـــــي وئـــــي.

بيٺـــــا پڪـــــاريون، بنگلـــــي ٻـــــاهران،
خــــان صــــاحب ڪــــي، ننــــڊ اچـــــي وئـــــي.

روئـــــي، روئـــــي، مــــاني ٽُڪـــــر لئـــــ،
غريـــــب ٻــــارن ڪــــي، ننــــڊ اچـــــي وئـــــي.

”علـــــي“ اچـــــا مهمـــــان، جـــــاڳن پيـــــا،
ميزبـــــانن ڪــــي، ننــــڊ اچـــــي وئـــــي.

——— ——— ———

ڳالهيون ڪنهن جون، ڳايون ويٺا،
پاڳل من، ريجهايون ويٺا.

رات انڌيري، ڏيپ لڳي تو،
دل جا ديپ، جلايون ويٺا.

غم جا بادل، ڇانيا آهن،
پنهنجا نين، وسايون ويٺا.

من ڪڏهن ڪو، قياس پويئي،
پلؤ اوهان کي، پايون ويٺا.

عشق ۽ آڳ، برابر آهن،
پنهنجو ماس پچايون ويٺا.

ڳالهه ڪولڻ ۾، آ رُسوائي،
سڀ کان راز، لڪايون ويٺا.

آب ڪي آڏا، بند ويا اڏجي،

پـــاڻيءَ ڪـــاڻ، واجهـــايون ويٺـــا.

واءَ ڪيرايـــــا، اَجهـــــا پراڻـــــا،
وري بـــ گهـــرڙا، ٺـــاهيون ويٺـــا.

جـــيءَ حضـــوري، وارا آهيـــون،
پنهـــنجن کـــي ئـــي، مـــارايون ويٺـــا.

رئـــيس وڏيـــرا، رت پيـــئن پيـــا،
پـــو بـــ انهـــن ســـان، نيـــايون ويٺـــا.

صـــديون ٿيـــون، نـــ صـــدا سُـــڻي ٿـــو،
اجـــا خـــدا کـــي، پـــاڏايون ويٺـــا.

اســـين بـــ تُنهنجـــي اميـــد وارن ۾،
نـــالو پنهنجـــو لڪـــايون ويٺـــا.

ڪـــون پچـــن ٿـــا، اڳـــتي جيڪـــي،
”علـــي“ انهـــن کـــي، ســـاراهيون ويٺـــا.

---

ندي ڪان ڪنارا، جُدا ڪون ٿيندا،
ڪڏهن بيوفا، با وفا ڪون ٿيندا.

پرايا پوءِ پي، اچيو ڪم وڃن ٿا،
ليڪن پنهنجا هرگز، پنهنجا ڪون ٿيندا.

ڪيڏو ئي ڪٽي هو، پيا چمڪار ڪن پر،
چِٽا چند جهڙا، تارا ڪون ٿيندا.

سياسي ماڻهون ٿا، هڻن ڪوڙيون ڊاڙون،
غريبن ماڻهن سان، سچا ڪون ٿيندا.

قرب ۾ تہ قربانيون ٿيون ڪپن،
ڪنهن ڪان حق محبت جا، ادا ڪون ٿيندا”

اهڙي ڳالهہ ڪر جو، ڪري پي سگهين تون،
وڏا واعدا تہ ڪان، پورا ڪون ٿيندا.

ڏسي رنگ سهڻو، متان يار يُلجين،
ڪڙا توهہ قاتل، متا ڪون ٿيندا.

اڳـــي جهـــڙي مُـــروت، اوهـــان منجهـــ نـــاهي،
اســـان جـــا انـــدازا، خطـــا ڪـــون ٿينـــدا.

اوهـــان جـــون تـــ يـــادون، سُـــمهن ئـــي ٿيـــون پيـــون،
اوجاڳـــا اڪـــين ڪـــان، ســـتا ڪـــون ٿينـــدا.

اهـــي ئـــي تـــ آهـــن، گلـــن جـــا محـــافظ،
گلـــن ڪـــان الـــڳ هـــي، ڪنـــدا ڪـــون ٿينـــدا.

هـــي ڪُـــڙمين جـــا قاتـــل، زمينـــدار ظـــالم،
هـــارين ۾ حقـــن ۾، سُـــتا ڪـــون ٿينـــدا.

ڪـــرين ويٺـــو ڪـــنهن ســـان، حـــديث جـــون ڳـــالهيون،
بُرائـــي جـــا پاليـــل، ڀـــلا ڪـــون ٿينـــدا.

اســـان ڪـــي تـــ مـــوڪي، وارا مَـــٿ ڪـــپن ٿـــا،
”علـــي“ ڏُڪ اِنهـــي مـــان، نشـــا ڪـــون ٿينـــدا.

— — —

خوشبوءِ گلن مان، نکري ويئي،
وفا دلين مان، نکري ويئي.

هُن جڏهن کان، ڌار کيو آ،
خوشي بدن مان، نکري ويئي.

روز ٽُتن پيا، رت جا رشتا،
پرت پنهنجن مان، نکري ويئي.

دهشت گرديون، هر کنهن پاسي،
دنيا امن مان، نکري ويئي.

راتيون ويهي، ڏينهن کريون ٿا،
ننڊ نيڻن مان، نکري ويئي.

شام اوهان ٻِن قيام برابر،
جان جيون مان، نکري ويئي.

رهيا پياسا، مارو ويچارا،
مِهرَ مِينهن مان، نکري ويئي.

تنهنجـــي حســـن تـــي، نظـــر جـــڏهن پيئـــي،
دل هـــــتن مـــــان، نڪـــــري ويئـــــي.

شـــــهر هجـــــي يـــــا ڳـــــوٺ هجـــــي،
ميـــــٺ مـــــاڻهن مـــــان نڪـــــري ويئـــــي.

هـــــر هـــــڪ چهـــــرو، اداس آهـــــي،
مُـــــرڪ لـــــبن مـــــان، نڪـــــري ويئـــــي.

ويـــــنگس هڪـــــڙي، وار سُـــــڪايا،
دانهـــــن نـــــانگن مـــــان، نڪـــــري ويئـــــي.

”علـــي“ اســـان وٽ، اڃـــي ڪنـــدين ڇـــا،
چاهـــت مـــن مـــان، نڪـــري ويئـــي.

— — —

گهڻا ڏينهن اڳ مران ها پر، جيئان پيو زور تُنهنجي تي،
ڏِڪا ڏُمان دنيا هن جا، سهان پيو زور تنهنجي تي.

مخالف ٿيا آهن منهنجا، مڙيئي شهر جا ماڻهو،
مگر سامهون سين سان مان، ٿيان پيو زور تنهنجي تي.

نڪا پت آ نڪا مُت آ، نڪا طاقت اتم ڪائي،
هٿين خالي صفا سڪڻو، هلان پيو زور تنهنجي تي.

پريل سينو آ زخمن سان، منهنجي حالت روئڻ جهڙي،
مگر آهي خدا ساڪي، ڪلان پيو زور تنهنجي تي.

هي زندگي زهر قاتل آ، انهي ۾ ڪو به شڪ ناهي،
پري پيالا، پرين پيارا ! پيئان پيو زور تنهنجي تي.

مرڻ يي ڪنهن قبوليو آ؟ مگر اي يار ڏس مون کي،
ڪٽيو سر ساهه سوريءَ ڏي، وڃان پيو زور تنهنجي تي.

ڦٽائي ڪير نند منڙي، ڪُتا يي ڪير پونڪائي،
”علي عاجز“ اٿي آڏي، اچان پيو زور تنهنجي تي.

— — —

موڙ محبت کي پڌائيءِ. دوست دلبر واه واه،
واه جو ناتو نڀايئي، دوست دلبر واه واه.

اڄ هلان ڪنڌ هيٺ ڪيو، مان منهن متانهون ڪيئن ڪڻان،
لوڪ ساري ۾ لڄايئي، دوست دلبر واه واه.

ڇو ڪيئي تي پيار پهرين، ڇو ڏنئي الفت اڳي،
مست مون کي ڇو بنايئي، دوست دلبر واه واه.

دل ڦري اي دوست مون کان، هٿ ڪڍي هڪدم وئين،
خيال ڪوئي ڪونه آيئي، دوست دلبر واه واه.

جيترا ماڻهو هِتي، پيو اوتريون ڳالهيون ٻُڌان،
خلق هي ساري کلايئي، دوست دلبر واه واه.

بيوفائي جون پري، باهيون ڏنيون تو بيوفا،
جان منهنجي کي جلايئي، دوست دلبر واه واه.

جي تو کي وڃڻو هيو، آئين ”علي“ چئي ڇو اول،
پيچ پهرين ڇو تي پاتئي، دوست دلبر واه واه.

پيار هر ڪو ٿو ڪري، پر پيار مان چا ٿو ملي،
لنئون لڳائي پوءِ لُڇڻ، لاچار مان چا ٿو ملي.

محب ماٺان ڪن نماٺان، هاجي هاٺان هر مهل،
رنج رُسامان روز تنهن، تڪرار مان چا ٿو ملي.

قرب ڪاڙهو، سور ساڙهو، روچ راڙو رات ڏينهن،
انتظاري بيقراري، بار مان چا ٿو ملي.

وئي وفائي گهٽگهرائي، جيءَ جفائي هي جڳهه،
جو ڏُکائي دل انهي، دلدار مان چا ٿو ملي.

شان شوڪت لڄ لياقت، آب عزت خاڪ ۾،
خلق ساري جي اندر، ڪل خوار مان چا ٿو ملي.

جند جلي ۾، زلزلي ۾، چو گلي ۾ ٿو وجهين،
نانگ بنجي جو ڏنگي تنهن هار مان چا ٿو ملي.

درد دم دم، هر گهڙي غم، نيڻ نم نم نير مان،
اي ”علي“ هن عشق جي، آزار مان چا ٿو ملي.

— — —

ويهڻ ڇڏي ڏيو، هلڻو آهي،
يارو! اڳتي، وڌڻو آهي.

هي سارو ئي، سچ جو صحرا،
پار اسان کي، ڪرڻو آهي.

ڏسو جبل ۾، پٿر روئي پيو،
ڪنهن جو ستايل، جهرڻو آهي.

گهوٽ صبح جو، گولين گهايو،
شام انهي جو، پرڻو آهي.

آس وفا جي، رک نه سُهڻن ۾،
ڪجهه نه انهن کان، مِلڻو آهي.

خونِ جگر مان، جوت جلائي،
رڻ کي روشن، ڪرڻو آهي.

پُٺ ڏي پاڇو، پويان ايندئي،
اڳيان نه سو هٿ، اچڻو آهي.

پاپ آ ڪنهن جي دل ڪي ٽوڙڻ،
رنج نه ڪنهن کي، رکڻو آهي.

اُهو پڌي پيو گيت پين جا،
غزل جنهن جي لئه، لکڻو آهي.

”علي“ نه عاجز رات منجهان ٿي،
صبح به آخر ٿيڻو آهي.

— — —

چاڙون ڪون، مسجد، محرابن جون ڳالهيون،
اسان وٽ ته آهن، شرابن جون ڳالهيون.

اول ٻُڪ پري ڪر، اسان کان او واعظ،
پوءِ ڪر گناهن، ثوابن جون ڳالهيون.

نئون آ زمانو، نئين ڳالهه ڪر تون،
ڇڏي ڏي پُراڻيون، ڪتابن جون ڳالهيون.

جنت ڪان اول آ، ضرورت جهُڳي جي،
اِهي اڻ ڏٺيون ڇڏ، حجابن جون ڳالهيون.

غريبن جي گهر ۾، اٿو آهي اڻ لب،
وڏن جي ڪُتن لئه، ڪبابن جو ڳالهيون.

وڙهي حق تون وٺندين، ڊيڄاري نه وٺندين،
ماڻهو ڪونه ڇاڻن، مُهابن جون ڳالهيون.

مرون ٿا، جيئون ٿا، اها آهي زندگي،
اڃان ڀي اسان لئه، عذابن جون ڳالهيون.

ڪپي ڪون ڪنهن کي، شرابن طهورا،
گُهرن سِنڌ واسي، ٿا آبن جون ڳالهيون.

اسين منهن ڏسڻ لاءِ ماندا مرون ٿا،
اوهان وٽ سدائين، نقابن جون ڳالهيون.

محبت ۾ ليڪا، ڪبا ڪون آهن،
”علي“ سان نہ ڪر تون، حسابن جون ڳالهيون.

___ ___ ___

ڪوڙي جي وچن تي، آ اعتبار ڪهڙو،
نياڻي نہ ياري، اهو يار ڪهڙو.

رُلائي رنجائي، ستائي ستمگر،
ڏُکائي جو دل کي، سو دلدار ڪهڙو.

نہ ميوو نہ ڇانوَ ڏي، اهو وڻ نہ چئبو،
بنان مند وسي جو، سو وسڪار ڪهڙو.

ڪنهن سان پيار ڪوئي، ڪري نہ ڪري،
ڪنهن جي دل تي ڪنهن کي، آ اختيار ڪهڙو.

نمازن جو ناصح، چوين ٿو مون کي،
منهنجو مسئلو آ، تو تي بار ڪهڙو.

چندا ڏيو انهن کي، جي بي گهر رهن ٿا،
خدا کي آهي، گهر جو لاچار ڪهڙو.

انڌيرا، اجالا "علي" ايندا رهندا،
انهن کان ڪجي ٿو، پو انڪار ڪهڙو.

___ ___ ___

لکيم خاص خطڙو، تو ڏي يار پيارا،
قرب جي قلم سان، پنا پيار وارا،

مون وٽ مس نہ آهي، ڳوڙها ڳل وهائي،
لکيم تنهن سا لائي، سچو خط خدارا.

دائم شال محبت، رهي تا قيامت،
سدا تون سلامت هجين جيءَ جيئارا.

گهٽي سڪ سلامن، ۽ ادبن نيازن پچاڻان دعائن لکيم سور سارا،
ڪريان حال هاڻي اڪين آب آڻي،
خدا خوب ڄاڻي اڇن غم اويارا.

مون ڪي يار ماري، ڇڏيو تو وساري،
”علي“ ڪي آزاري ڪيئي ڇو ڪنارا.

— — —

اڄ صنم آئين پلي، ارمان ڪُل وسري ويا،
گهر منهنجو گلزار ٿيو، گلدان ڪُل وسري ويا.

پيو بهاري ۾ بدن، هُيڪار واري هير سان،
باغ کان باغي ٿيس، بُستان ڪل وسري ويا.

هاڄ هيرن جي نہ هاٺي، غرض لعلن جي لٿي،
منهن ڏٺم تنهنجو مٺا، مرجان ڪل وسري ويا.

نيچ دنيا جا نشا، ۽ مَت نہ مَت موکي سندا،
مَئي پريل اکڙين اڳيان، مئيخان ڪُل وسريا ويا.

درد ويو ديدار سان، مان چا ڪيان هاٺي حڪيم،
دل گهريو دلبر مليو، درمان ڪُل وسري ويا.

روح روزن لئہ نہ راضي، نِت نمازن کان نفي،
قائدا قرآن جا، فرمان ڪُل وسري ويا.

مور محفل ۾ گهٽا، پر هڪ "علي" بلڪل هِتي،
من اندر مرڪزو تون، مهمان ڪُل وسري ويا.

— — —

هليــو اچ او دلبــر، ڪنـــدو ڇــا زمــانو،
ذري جــو نـــ ڏپ ڪــر، ڪنـــدو ڇــا زمــانو.

ڏيئـــي هـــٿ هـــٿن ۾، هلـــون پـــاڻ گـــڏجي،
گهمـــون شـــهر بـــازار، ڪنــــدو ڇــا زمــانو.

محبـــت ڪريـــون ٿـــا، نــــ ڏاڙو هٽـــون ٿــا،
ســـچن ڪـــي سراســـر، ڪنـــدو ڇــا زمــانو.

پنهنجـــي پيـــار جـــي آ، خبـــر ســـڀ دنيـــا ڪـــي،
آهـــي ڀالهـــ ظـــاهر، ڪنـــدو ڇــا زمــانو.

هلـــي مئيخـــاني ۾، پيئـــون مَئـــي محبـــت جـــو،
تـــون ســـاقي مـــان ســـاغر، ڪنـــدو ڇــا زمــانو.

جيڪـــي يـــي جلـــن ٿـــا، جلـــڻ ڏي انهـــن ڪـــي،
هـــي محبـــت جـــا منڪـــر، ڪنـــدو ڇــا زمــانو.

”علـــي“ نيـــٺ هـــڪ ڏينهن، تـــ مرڻـــو بـــ آهـــي،
لڪـــون پـــوءِ ڇـــو آخـــر، ڪنـــدو ڇــا زمــانو.

— — —

اسين قربان سنڌڙي تان، ويو جي سر تہ چا ٿي پيو،
مرڻ جي ڪانہ آ پرواھ، مئاسين گر تہ چا ٿي پيو.

ڪونهي ڪو خوف قيدن، نہ ڪوڙن جو نہ ڪاتن جو،
اهو آ مَرڪ مردن جو، لڳا تير تہ چا ٿي پيو.

مِڙي آيا ڪري ميڙو، مُڙن مانجهي نہ سي مچ ڪان،
اسين آهيون پتنگ حق جا، جليا جي پر تہ چا ٿي پيو.

ڪُهي تون ڪيترا ڪهندين، سنڌي سورهيہ سيئي سنڌ جا،
وڍيل وايون ڪندا حق جون، وڍين ور ور تہ چا ٿي پيو.

پٽائي گهوٽ جي سنڌڙي، آهي ڪشتي قلندر جي،
لُڏي هرگز نہ لهرين ۾، هوندو ساگر تہ چا ٿي پيو.

”علي“ عاشق سُوري پاسي، اچن ٿا ڳاٽ اوچي سان،
نظر ۾ ناز سنڌڙي جو، ڪُٺا ڪوندر تہ چا ٿي پيو.

— — —

ظالم تي اعتبار اچي ويو،
انڪار ڪندي، اقرار اچي ويو.

رات به نيڻن، ننڊ نه ڪئي آ،
دل تي غم جو، بار اچي ويو.

ڏاڍو ستايو، آهي ستمگر،
ته به انهي تي، پيار اچي ويو.

محفل ۾ چند چار لڳي ويا،
سُهڻن جو، سردار اچي ويو.

هيڏي چمن مان، منهنجي حصي ۾،
گل جي بدلي، خار اچي ويو.

ڪلندي ڪلندي، لڙڪ لڙي پيا،
ياد ڪوئي آ، يار اچي ويو.

”علي عاجز“ هو ڏاڍو اداسي،
شڪر ٿيو، دلدار اچي ويو.

پيـــــــار جـــــــــي ڏاڍي، مــــــــــــوڙي آ،
نانـــــــگ بنـــــــــي، هـــــــــر نــــــــوڙي آ.

پيگـــل چوڙيـــون پيـــون، پـــٽ تـــي آهـــن،
ڪـــنهن جـــي ٻـــانهن ڪـــنهن مـــروڙي آ.

پيچـــو ڪنـــدين تـــون ڪـــون ڪـــو پچنـــدين،
تڪـــــــي لالــــــچ جـــــــي گهـــــــوڙي آ.

ٻـــانهون ڪـــولي، بيـــــٺس تـــــو لئـــــ،
ٻـــــــــــاڪُر پـــــــــــايون، ڊوڙي آ.

تــــــو وانگـــــــي او، گـــــــل گلابـــــــي،
منهنجــــــي بـــــ دل، ڪـــــنهن ٽـــــوڙي آ.

قـــــرب ڏيئـــــي تـــــو ڪـــــاٿي وانگـــــر،
جنـــــــــدڙي منهنجـــــــــي قـــــــــوڙي آ.

صـــدا ”علـــي“ جـــي هـــڪ نـــ سُـــٽي اٿئـــي،
تنهنجـــــــــي دل ڪـــــــــا ٻـــــــــوڙي آ.

— — —

ڪلين نا ڪِلين تون، هجي خير تنهنجو،
ڏِسين نا ڏِسين تون، هجي خير تنهنجو.

اتم توسان محبت ۽ اڳتي به رهندي،
مڃين نا مڃين تون، هجي خير تنهنجو.

چڱي ڳالهه آهي ڪرڻ مهرباني،
ڪرين نا ڪرين تون، هجي خير تنهنجو.

ڪري پند پري ڪان، هلي اچ آياسين،
ملين نا ملين تون، هجي خير تنهنجو.

آيا آهيون دل جو، ڏيڻ توکي تحفو،
وٺين نا وٺين تون، هجي خير تنهنجو.

”علي“ ڪم اسان جو، ڪرڻ انتظاري،
اچين نا اچين تون، هجي خير تنهنجو.

— — —

روئنــــــدي روئنــــــدي، رات اڄـــــي وئـــــي،
مٿـــــان وري، پريـــــات اڄـــــي وئـــــي.

يـــــادون جـــــاڳيون جهُـــــڙ نمـــــوني،
اکـــــڙين ۾، برســـــات اڄـــــي وئـــــي.

ڪـــن تـــي پئـــي ڪـوڪـــار ڪوئـــل جـــي،
مـــون ڪـــي ڪـــنهن جـــي، تـــات اڄـــي وئـــي.

يـــــار مليـــــو اڄ، مُرڪـــــي مـــــون ســـــان،
مخـــــالفن ڪـــــي، مـــــات اڄـــــي وئـــــي.

رضـــــا ڪـــــارن جـــــي، راهـــــ ڪُلـــــي آ،
امـــــدادي، خيـــــرات اڄـــــي وئـــــي.

ڪـــــنهن جـــــي گهـــــر ۾، لاش پيـــــو آ،
ڪـــــنهن جـــي گهـــر، بـــارات اڄـــي وئـــي.

ڪالهـــ جـــنهن جـــو هـــو، گهـــر ڪـڪـــائون،
اڄ ڪـٿـــــان، محـــــلات اڄـــــي وئـــــي.

شـــــــاعري معنـــــــــیٰ آ پيغمبــــــــــري،
”عـــــاجز علـــــي“ وٽ ڏات اڇــــــي وئـــــي.

— — —

آئي عيد آهي پر مسڪينن جي ڪهڙي عيد،
نہ گندي نہ ڪپڙو، غريبن جي ڪهڙي عيد.

رانديڪن لئہ روئن ويٺا نِنڊيا ٻار نماڻان،
ٻچا نہ آهن خوش تہ مائٽن جي ڪهڙي عيد.

جنهن جي جيب خالي آ، سو خريد ڪندو ڇا،
ناڻي کان سواءِ نماڻن جي ڪهڙي عيد.

رمضان پلو پر اميرن جي لاءِ آ،
ٽيون بند مزوريون، تہ مزورن جي ڪهڙي عيد.

خدا ٻہ شايد هٿ، ڪٽي ويو آ انهن تان،
نہ والي نہ وارث، ويچارن جي ڪهڙي عيد.

خزان جنهن ٻہ چمن کي، چنبن سان چيپاٽيو،
”علي“ باغ انهي ۾، بهارن جي ڪهڙي عيد.

— — —

جيون تو بن مڪمل ناهي،
من جو گلشن، مڪمل ناهي.

گيت غزل، سنگت سپيئي،
منهنجو هر فن مڪمل ناهي.

اڃان هجن غم سي ٻه ڏيئي ڇڏ،
پريو هي دامن، مڪمل ناهي.

محبت جو هڪ، محل اڏيوسون،
اڃان سو ليڪن، مڪمل ناهي.

تورو تورو، مينهن وسي پيو،
شايد ساوڻ، مڪمل ناهي.

”عاجز علي“ جو دم نه ٽُٽي تو،
ڪُتو قربن مڪمل ناهي.

___ ___ ___

دنيا جو ڏُک نہ ڪردلبر، دنيا اِن کي تہ چئبوآ،
لٽو ڪم ۽ ڦاٽو ڪاڳر، دنيا ان کي تہ چئبو آ،

گجر موري بصر وانگي، وڪامي پيار پئسي تي،
ڪلم ڪلا صفا ظاهر، دنيا ان کي تہ چئبو آ.

سکن وارا ڏکن ۾ جي، ڇڏي ويا ٽئي تہ چا ٿي پيو،
جلائي ڇڏ اهي دفتر، دنيا ان کي تہ چئبو آ.

زمانو زهر قاتل آ، مِٺي ٻولي ٺڳو چاٽي،
زخم ڏيندئي پيو ذر ذر، دنيا انکي تہ چئبو آ.

هتي محبت ڪرڻ بلڪل، جرم آهي خطا آهي،
قرب مان چا چاٽن ڪافر، دنيا ان کي تہ چئبو آ.

اِهي ناتا اِهي رشتا، اٿئي قسم سنڌ جو،
وڏا دشمن آهن ياٺر، دنيا انکي تہ چئبو آ.

ماڻهو آهن اهڙا تي ويا، عزت ڏيندين گلي پوندا،
پلائي ڪر پوءِ ڏنڊ پر، دنيا انکي چئبو آ.

شرافت جو وقت ناهي، شريفن جي قلت ڏاڍي،
لُچن جا ڪيئن آهن، لشڪر دنيا انکي تہ چئبو آ.

نہ ملندا گل گلابن جا، ڪڏهن هن ڏيهہ پنهنجي ۾،
ٿيا ويران هت ڪئين گهر، دنيا انڪي تہ چئبو آ،

”علي عاجز“ قلم بند ڪر، لکي تون يار چا لکندين،
آهن انڌير ڪئين اڪثر، دنيا ان کي تہ چئبو آ.

— — —

اوهان جون جفائون، نئين ڳالهه ناهي،
ستم هي سزائون، نئين ڳالهه ناهي.

اِهي ناز ماڻا، اِهي گُهنڊ منهن ۾،
انگل ۽ ادائون، نئين ڳالهه ناهي.

اسين ڏکن جا پاليل، اسان لاءِ بلڪل،
غمن جون گهٽائون، نئين ڳالهه ناهي.

ڀَلايون بُرايون، هونديون هر شخص ۾،
واڪاڻون گلائون، نئين ڳالهه ناهي.

خوشي سان شامل، غمي پي هوندي آهي،
رضائون قضائون، نئين ڳالهه ناهي،

اصل پن دلين جو، زمانو آ دشمن،
دنيا جون دغائون، نئين ڳالهه ناهي.

مريضن جا ويري، مِلاوٽ جا ماهر،
هي نقلي دوائون، نئين ڳالهه ناهي.

اسان هر قدم تي، سين سان نڀايو،
"علي" جون وفائون، نئين ڳالهه ناهي.

---

من اندر جو، مير ڪدي ڇڏ،
نفرت ڪِينو، وير ڪدي ڇڏ.

ماڻهو آهن سيئي مولیٰ جا،
فرقا مذهب، ڦير ڪدي ڇڏ.

شير ۽ شِير، لفظ ٻئي ساڳيا،
هڪ جي هيٺان، زير ڪدي ڇڏ.

اڳتي وڌڻ جا، گهنگهر وجائي،
پيرن مان ٻي چير ڪدي ڇڏ.

روز ڪهڙو ڪم، ڪنهن جي در تي،
هَر هَر واري، هَير ڪدي ڇڏ.

هر ڪا چيز، الڳ هوندي آ،
انبن منجهان، تون ٻير ڪدي ڇڏ.

نيڪي جو ڪم، جلد ڪبو آ،
هڪڙي دم جي، دير ڪدي ڇڏ.

پيار جو هڪڙو لفظ ئي ڪافي،
لفظن جا ڍير ڪيڏي چڏ.

ناحق وارا، نابود ڏٺا سون،
"عاجز علي" انڌير ڪيڏي چڏ.

— — —

يارن تان، اعتبار لهي ويو،
پيارن تان، اعتبار لهي ويو.

سارا واعدا، ڪوڙا نڪتا،
اقرارن تان، اعتبار لهي ويو.

ميڪپ لالي، مصنوع صورت،
سنگارن تان، اعتبار لهي ويو.

ديوارون پيي ڏسن ٻڌن ٿيون،
ديوارن تان، اعتبار لهي ويو.

ڪڏهن گلي ۾، ڪڏهن قبر تي،
گُل هارڻ، تان اعتبار لهي ويو.

روز وڌن ٿا، اڳهه شين جا،
واپارين تان، اعتبار لهي ويو.

ڪوڙي سياست، ڪوڙيون ڳالهيون،
مُنهدارن تان، اعتبار لهي ويو.

لڳي ڪَشمڪش، ڪُرسي لاءِ،
اختيارن تان اعتبار لهي ويو.

شهر ”علي“ ٿيا، شودن حوالي،
بازارن تان اعتبار لهي ويو.

— — —

سُـــــــهڻو شـــــــهر بــــــــدينو آ،
ســــــاري ســــــنڌ جـــــو، ســـــينو آ.

اَلاءِ ڪتـــــي جـــا، رول اڇـــي ويـــا،
ڏٺئـــــــون خــــاص خزينـــــــو آ،

هِتـــي رهـــان ٿـــو، هتـــي هـــلان ٿـــو،
ڪـــنهن ســـان ويـــر، نــہ ڪينـــو آ.

دل ۾ رڪـــان ٿـــو، دل جـــي دولـــت،
ذرتـــــــي وانگـــــــي، دفينـــــــو آ،

اڇ صــــنم ڪـــي وٺـــون بهـــاريون،
بـــــــارش جــــــو مهينـــــــو آ.

ڪـــانهي جـــنهن جـــي قيمـــت ڪـــائي،
مــــــاڻهون اهــــــڙو نگينـــــــو آ،

نـــاهي خبـــر ڪـــا، ڪـــاٿ انـــدر جـــي،
پــــــورو آ يـــــــا پينـــــــو آ.

ســـيڪو آهـــي، ان جـــو چمچـــو،
جـــــــنهن وٽ زر زرينـــــــو آ.

اوڙي پــاڙي جـــي نـــيد ڦٽـــي ويئـــي،
اڄ مُلـــــــن جــــــو شــــــبينو آ،

ســــرمائيدارو! مـــاڪ نـــ ســــمجهو،
مــــــزدورن جـــــــو پســــــــينو آ،

هـــر دم ڏوهـــ، خطــا ڪيــون ٿـــا،
نفـــس ”علـــي“ هـــي ڪمينـــو آ.

— — —

منـــد مـــلاري ميـــنهن ڦُــڙ ڦُڙ تـــو بنـــان بيڪـــار ســـي،
هـــي ڪنـــوڻ جـــا ڪيـــل ڪُـــڻ ڪُـــڻ، تـــو بنـــان بيڪـــار ســـي،

ميــنهن وٺُــا گــل گاهــہ ڦُٽــا، مــاڻهون آيــا ڪـئـين مــال ونــد،
ڇهڇٽــا ڇئــو طــرف ڇُــڻ ڀُــڻ، تــو بنــان بيڪــار ســـي.

گُـــل ٽڙيـــا جنســـار جڙيـــا، ٽـــي بهـــاري بـــاغ بـــر،
گيـــت بلبـــل پئـــونر ڀُـــڻ ڀُـــڻ، تـــو بنـــان بيڪـــار ســـي.

جئـين پڪـي پوليـون ڀُـرن، مـان تئـين تـو لئـہ پيلـي ڀُـران،
ڪـوڪ ڪـوئـل ڪـونج ڪُـڻ ڪُـڻ، تـو بنـان بيڪـار سـي.

رات ڏيـــنهن راڳـــا ڀُـــدان تـــو، راڄ ۾ ڪـئـــين راڳ رنـــگ،
تـــال طـــبلا تـــانَ ٽُـــڻ ٽُـــڻ، تـــو بنـــان بيڪـــار ســـي.

مجلســـون مـــيلا منـــدل، ”عـــاجز علـــي“ اســـرار ڪُـــل،
ســـچ تـــہ سُـــهڻا يـــار سُـــڻ، تـــو بنـــان بيڪـــار ســـي.

— — —

ظالم ڪندو نيث تہ زاري، ڪڏهن نہ ڪڏهن،
دور ٿيندي هي دُشواري، ڪڏهن نہ ڪڏهن.

ريءَ گناهہ روز روز، راهہ روڪِي جنهن رقيب،
خوب حاصل خواري، ڪڏهن نہ ڪڏهن.

دُک نہ ايڏو تون ڪر دل، سج سُکن جڳ اُڀري ايندو،
ويندي وهامي رات انڌاري، ڪڏهن نہ ڪڏهن.

چار ڪُلهي تي، پکين جي پويان، ڪهڙو پکين آ ڏوهہ ڪيو؟
مرندو پاڻ بہ اهو ماري، ڪڏهن نہ ڪڏهن.

وقت جو ڦيٿو ڦرندو رهي ٿو، ڪجهہ صبر کان ڪم وٺجي،
”علي“ اسان جي بہ ايندي واري، ڪڏهن نہ ڪڏهن.

— — —

بي قدر ڪنهن بي وفا تي، پروسو ڪهڙو ڪجي،
آزمايل آشنا تي، پروسو ڪهڙو ڪجي.

پَل ۾ پرچي ۽ رُسي، پل ۾ خوش ۽ پل ۾ خفا،
رنج يا انجي رضا تي، پروسو ڪهڙو ڪجي.

ناز ۽ انداز آهن، چئن ڏينهن جون چاندنيون،
هن حُسن واري هوا تي، اعتبار ڪهڙو ڪجي.

پير مرشد يي پئسي جا، ناهي پئسي بن دعا،
لوبي لالچ جي دعا، تي پروسو ڪهڙو ڪجي.

پاڻ خود هٿ ساڻ پوڙي، ساڻ نيئي منجهه سمنڊ،
تنهن نَيا ۽ نا خدا تي، پروسو ڪهڙو ڪجي.

پوش انساني اندر، آهن بگهڙ واڳون گهڻا،
ظاهري صورت صفا تي، پروسو ڪهڙو ڪجي.

موسمون تبديل ٿي، هڪدم وڃن ٿيون اوچتيون،
پوءِ فَلڪ واري فضا تي، پروسو ڪهڙو ڪجي.

نبض جو پين جي نِهاري، پاڻ سو بيمار آ،
اهڙي درمل جي دوا تي، پروسو ڪهڙو ڪجي.

زندگي يي ڪنهن ڏهاڙي، سات هي ويندي ڇڏي.
اي ”علي“ پوءِ انتها تي، پروسو ڪهڙو ڪجي.

——— ——— ———

محبت بلڪل مرڻي ناهي،
آگ اهڙي آ، ٽرڻي ناهي.

زندهه آهي، زندهه رهندي،
ڪنهن بہ صورت ۾ ڳرڻي ناهي.

بنان سبب جو ڪنهن کي ستائي،
ان جي پيڙي، ٽرڻي ناهي.

ڏرتي ماءُ آهي، هر ڪنهن جي،
آه ڪُنواري، پرڻي ناهي.

ڏاڍو هيڻي جو، حق کائي ٿو،
اِها خدا جي، ڪرڻي ناهي.

سڀ ٿياسين، آدم حوا مان،
دل ۾ نفرت، ڌرڻي ناهي.

چيز اهڙي کي، ياد ڪجي ڇو،
واپس جيڪا، ورڻي ناهي.

رهڻ رضا تي، راضي گهرجي،
قضا ڪڏهن پي، ٽرڻي ناهي.

ڪــــري هونـــدي ڪـــري ســــڏبي،
ڪــــري ٽينـــدي هرڻـــي نــــاهي.

”علـــي“ ســـواءِ تنهنجـــي ســـري پئـــي،
تـــو بـــن هُـــن جـــي ســـرٽي نـــاهي.

— — —

وتـــن هـــت ويڳاڻـــا، ويچـــارا هـــي پوڙهـــا،
غمـــن ۾ پيـــا ڪـــن، گـــذارا هـــي پوڙهـــا.

اڇـي ڪـو نـہ ويجهـو، ڳالهـائي ئـي ڪـوئي،
ســورن ۾ صـــفا بـــي، ســـهارا هـــي پوڙهـــا.

نڪـا زال نُهـن ڌيءُ، نڪـو پُـٽ پچـن تـا،
پنهنجـــي گهـــر ۾ جهـــرڙا، اُڌارا هـــي پوڙهـــا.

ڏسـي تـن ڪـي هڪـدم، پڇـي هـر ڪـو،
لڳـن ڪونـہ ڪـنهن کـي، موچـارا هـي پوڙهـا.

ڪلـــن جـــوان تـــن تـــان، ڊچـــن پـــار نـــديڙا،
لڳـــي ڊپ تنـــين کـــي، ڊيچـــارا هـــي پوڙهـــا.

جـــواني ۾ جـــن هئـــا، ڪيـــا شـــوق شـــاهي،
تيـــڏا اڄ ســـــي لاچـــار وارا هـــــي پوڙهـــــا.

ڊهـي چيـر تـي ويـا، ڪـنهن محـلات وانگـي،
لڳـــن تـــا پراڻـــا، نظـــارا هـــي پوڙهـــا.

ڏٺئـون ڪئـين زمانـا، لکـين رنـگ دنيـا جـا،
تماشـــا گهڻـــا، بـــي شـــمار هـــي پوڙهـــا.

ڪـڏهن هـي بـ هونـدا نظـر نـور ڪــنهن جـا
هــاٽي هــر ڪــنهن جـي لئـ هچـارا هـي پوڙهــا.

”علـــي“ هـــاڻ آهـــن ٿيـــا لـــوڏي وهيٽـــا
ڏســن پيــا قبــر جــا ڪنــارا هـــي پوڙهـــا.

——— ——— ———

چيم سچ تہ سيني کي ياﻻ لڳي ويا،
مقالون مُلڪ ۾، مقاﻻ لڳي ويا.

ڪو دهريو سڏي ٿو، ڪو مُشرڪ ۽ مُرتد،
ڪتابن منجهان، حواﻻ لڳي ويا.

ڪيم ڳالهہ توري، وڌائي وِڌائون،
ڪئين مرچ تنهن ۾، مساﻻ لڳي ويا.

چڙهي زال اول، وري جي ويهاري،
تہ هڪدم انهي تي، حلاﻻ لڳي ويا.

ٻُڪيئي جو نہ ڪوئي، پيٽايو ٿيئي ٿو،
سُڪيئي جو تہ پويان، ڪئين ساﻻ لڳي ويا.

ڪِنين لاءِ مرغيون، مڇيون ماس ميوا،
ڪِنين کي تہ دالون، ٻٽاﻻ لڳي ويا.

آيو وقت ووٽن، ٿيا هُل هنبوشيون،
وڏيرن جي ڪَڍ، ڪيئن جياﻻ لڳي ويا.

اگهاڙو آ مُفلس، سياسي ليڊر کي،
اجرڪون ڪُلهن ۾ دوشاﻻ لڳي ويا.

اگر ڪائي امداد، خيرات آئي،
تہ ان ۾ بہ گهوٽيون، گهوٽالا لڳي ويا.

ڪروڙين ٽين خرچ، ڪرڪيٽ لاءِ،
غريبن لئہ بئنڪن کي، تالا لڳي ويا.

ڏين راهہ رب جي ڪو روپيو نہ هڪڙو،
اجاين ڪمن ۾، اٽالا لڳي ويا.

اگر چار پئسا ٽيا پَچ ڏاون وٽ،
تہ تن جا نمونا، نرالا لڳي ويا.

ڪٿي وج تہ ماني، جو ڪوئي نہ چوندو،
مگر چاهہ منجان، چانهہ جا پيالا لڳي ويا.

خدا جي دنيا کي، ويٺاسون ورهائي،
ڪٿي سنڌ، ڪٿي هِند ڪئين نالا لڳي ويا.

”علي“ کي نہ الڪو، هِتي ۽ هُتي جو،
سڀاجهي سڄڻ جا، سنيالا لڳي ويا.

— — —

آشنا هوندي اسانجو، آشنا ڪوئي نہ آ،
درد دک ۾ دم پري، سو دلربا ڪوئي نہ آ.

ملڪ مان ويون موڪلائي محبتون ۽ مروتون،
بيوفا ملندا گهڻا، پر باوفا ڪوئي نہ آ.

تون پنين ٿو، چو پنين ٿو، ڪو نہ ڪو پڇندو ڪوئي،
هر ڪو چوندو، پيو پنين، تو ڪي حيا ڪوئي نہ آ.

هي هندو ڪافر منافق، پيل ڪولهي راوڙا،
سڀ آهن منهنجا جگر، مون ڪان جدا ڪوئي نہ آ.

بي نمازي يا نمازي، ذات ۾ بانهان بئي،
ٿيا الگ ڪردار ۾، نہ تہ شاهہ گدا ڪوئي نہ آ.

وڃ مڪي چاهي مديني، يا گنگا جمنا تي وڃ،
هُو توکي هر جاءِ ملندو، هُن سواءِ ڪوئي نہ آ.

جي هجي سامهون صنم، سجدو بہ پوءِ ٿو سونهي،
دل هِتي دلبر هُتي، سجدو ادا ڪوئي نہ آ.

خيال خوبين ڏانهن نہ ڪنهن جو، خلق خاميون تي ڏسي،
خاڪ جو ماڻهو خطائي، بي خطا ڪوئي نہ آ.

دين جي دعويٰ ڪري، ٻوڙن دنيا دولت پٺيان،
صاف جامو جسم تي، پر دل صفا ڪوئي نہ آ.

هر دنيا جي دور ۾، مسڪين مسڪين ئي رهيو،
هِت غريبن جو ”علي“ شايد خدا ڪوئي نہ آ.

___ ___ ___

ڪٿي ملندين جاني! ڪٿي توکي ڳوليان،
صبح شام ٿو سج لٿي، تو کي ڳوليان.

اندازو لڳاءِ اونهارو آ ڪهڙو،
انهي قهر ڪاڙهي، تتي توکي ڳوليان.

هجين چنڊ تون جيڪر يا ڪوئي ستارو،
ته عرش چڙهي مان، مٿي تو کي ڳوليان.

هجين گر تون موتي، ٽُٻيون ڏيان سمنڊ ۾،
سِپون جتُ سجهن ٿيون، تِتي توکي ڳوليان.

پکي جي هجين تون، ته جانچيان جهنگل کي،
ڪهڙي جُوءِ ۾ هوندين، جتي توکي ڳوليان.

هجين گل ته پوءِ نهاريان چمن ۾،
گلن جي شاخن هر، پتي تو کي ڳوليان.

تنهنجي جستجوءِ ۾، ڳوليم هر ڪا وستي،
پيو مان هتي ۽ هُتي تو کي ڳوليان.

ٻڌاءِ ”علي“ کي آخر تون او ساجن!
جتي تون هجين مان، اتي ڳوليان.

—— —— ——

او سانوڻ جا بادل، ڪري اڄ ملاري،
پٽن پاسي برسي، وجي ڪر بهاري.

تنهنجي آسري ٿا، مرن اڄ اباڻان،
پيئاري پلر، تن جي ڪر پوئواري.

پياسن پنهوارن، مٿي قياس ڪر تون،
قيامت ۾ تن جو، ٿيندين نہ تہ مياري.

مُنهنجا جهانگي سانگي، تو کي ياد ڪن پيا،
اندر ۾ انهن کي، آهي بيقراري.

مري مال ويو آ، اجن ۽ بکن ۾،
اجون لاهہ انهن جون، ڪري آب جاري.

نڪو گاهہ سائو، نہ ساوڪ نہ سبزي،
رڳو بَر ئي بَر آ، ۽ وحشت آ طاري.

سُڪل بوٽا سي پِي، لُڪن ۾ ويا لُڇجي،
ڪونهي وڻ ڪو سائو، اڏامي پئي واري.

آهي ٿر جو منظر، مثل ڪربلا جي،
پريشان هر هڪ، مرد ٻار ناري.

ڪري گوڙون ڪنوڻون، اتر ڪان تي آءُ تون،
سائي ڪر تون سنڌڙي ۽ ساڻيھ ساري.

عاجز هن ”علي“ جون، سُڻي اڄ صدائون،
وسي پئو وسي پئو، نہ ڪر دل آزاري.

——— ——— ———

ڪونهي حال منهنجو، ڏسي وڄ ڏسي وڄ،
مان ناچاڪ آهيان، پڇي وڄ پڇي وڄ.

خبر ناهي هاڻي، گهڻا ڏينهن حياتي،
سگهو منهنجا ساٿي، پڇي وڄ پڇي وڄ.

اچي رک اڪين تي، قدم قرب وارا،
ٻه ٽي راتيون مون وٽ رهي وڄ رهي وڄ.

دکي دل کي تنهنجو، دلاسو تو گهرجي،
اچي تون ڪا تسلي، ڏيئي وڄ ڏيئي وڄ.

تنهنجي مُرڪ هڪڙي، منهنجي ساري زندگي،
هوندي خوش خدارا، کلي وڄ کلي وڄ.

ڪوليان درد ڪنهن سان، ٻڌڻ وارو ناهي،
ڳالهيون من اندر جون، ٻڌي وڄ ٻڌي وڄ.

"علي" هاڻ آهي، ڏاڍو يار عاجز،
نہ ڪر دير هڪدم، ملي وڄ ملي وڄ.

--- --- ---

منهنجي ماٿ سائين، جيڪا تنهنجي مرضي،
رئارين ڪلائين، جيڪا تنهنجي مرضي.

ذري جو به تو ساڻ اعتراض ڪونهي،
بيهارين هلائين جيڪا تنهنجي مرضي.

تو سان پيار آهي، ۽ اڳتي به رهندو،
نيائين نہ نيائين، جيڪا تنهنجي مرضي.

منهنجي زندگي جو، آهين تون ئي مالڪ،
بگاڙين بنائين، جيڪا تنهنجي مرضي.

تنهنجي من ڏسڻ جي، مان تمنا رکان ٿو،
ڏيکارين لڪائين، جيڪا تنهنجي مرضي.

”علي“ پاڻ کي آ، ڪيو تو حوالي،
جيئارين جلائين، جيڪا تنهنجي مرضي.

——— ——— ———

بُستان منهنجي من جو برباد ڪرڻ وارا،
شل شاد رهين هر دم ناشاد ڪرڻ وارا.

مجبور هُئاسين پر تو ڪي نہ پلايوسون،
هر حال ۾ اسين آهيون تو ڪي ياد ڪرڻ وارا.

ڪُهي پيار منهنجو پيارا، ڪيو قهر تو ڪربلا جيئن،
شل تنهنجو پلو ٿيئي بغداد ڪرڻ وارا.

رستي جو پٿر سمجهي دلدار تو ٽوڙي دل،
چا تو ڪي مليو تنهن مان، بيداد ڪرڻ وارا.

خاموش محبت ۾ پلي خون ٿيئي دل جو،
آهيون نہ اسين ليڪن، فرياد ڪرڻ وارا.

ملندو نہ "علي" عاجز همدرد ڪو دنيا ۾،
اچ ڪلهہ نہ ڪٿي آهن، امداد ڪرڻ وارا

— — —

پڪي منٿيون پوليون، تنوارين ويٺا،
تنهنجي ياد هر هر، ڏياريون ويٺا،

جڏهن ڪان آهين ٿيو، جدا يار جاني،
مونسان گڏ تنهنجا غم، گذارين ويٺا.

مون ڪي طعنا ڏئي، سڄي شهر وارا،
وٺيون وِهه سنديون ڪي، پيارين ويٺا.

ڪٿان ايندين ساجن وٺي واٽ ڪهڙي،
منهنجا نيڻ تو لئه نهارين ويٺا.

خزان جا ستايل، سُڪا وڻ ٻه مون جيئن،
بهارن جون ڳالهيون، پچارين ويٺا.

تنهنجا سپنا ننڊ ۾، تنهنجا خيال دم ۾،
"علي" هن عاجز ڪي آزارين ويٺا.

---

ڳٽتين ۾ يار تو ڳاري چڏيو ماري چڏيو،
دردمند کي ڏار تو، ڏاري چڏيو، ماري چڏيو.

اشڪ آ شاوند اکين ۾، آب جا ٿيا آبشار،
ري سبب رت زار تو، رُئاري چڏيو ماري چڏيو.

گهپ گهٽائون زُلف جون، يا هي گهٽي ۾ موت گهات،
ور ڳلن تان وار تو، واري چڏيو ماري چڏيو.

نرملا هي نيڻ تنهنجا، مَدَ پيالا ڪٽ مست،
پيگ پِنبٽين پار تو، پياري چڏيو، ماري چڏيو.

گهور اِن گهنگهور مان، يالا آهن برسي پيا،
بُت منهنجو بيڪار تو، ڪري چڏيو ماري چڏيو.

تون صنم سامهون سچي، يا پيو سُتي سپنو لهان،
هوش هينئڙي هار تو، هاري چڏيو ماري چڏيو.

هڪ ”علي“ عاجز اڳي، پيو هي اَنگل اَنگڙائيون،
بيليا! بيهار تو، باري چڏيو ماري چڏيو.

— — —

ڪلندي ڪلندي، روئڻ اچي ويو،
ياد ڪوئي آ، سڄڻ اچي ويو.

سوالي بيٺو هٽي صدائون،
پيار تو ڪان ڪو، پنڻ اچي ويو.

اڳ ۾ ناز پوءِ هئا نخرا،
نيٺ اوهان کي، رُسڻ اچي ويو.

ڪنهن جي منهن تي، ناهي مروت،
وقت اهڙو آ، ڪٽڻ اچي ويو.

مات ۾ ڏادي، مار کاڌيسون،
هاڻي ڪجهه ڪجهه، ڪڇڻ اچي ويو.

سجدي جا انڪاري هئا سون،
تنهنجي پيرن تي، جهڪڻ اچي ويو.

انسانن جا ڪرتوت ڏسي اڄ،
شرم کي آهي، لِڪڻ اچي ويو.

حيوانن کان پؤ ٽيندو هو،
هاڻ ماڻهن کان ڊڄڻ اچي ويو.

عشق چڏيو آ، هُليو بگاڙي،
”عاجز علي“ تي ڪلڙ اچي ويو.

— — —

اسين چاهتن ۾ چريا ٿي پياسين،
صدائون ڪندي، خود صدا ٿي پياسين.

هُنن ڪي ته پرواهه، ذري جي به ناهي،
اسين پر انهن لئه، انڌا ٿي پياسين.

گهٽن ئي هٿن آ، ستايو سدائين،
محبت جي غُندن جا، پتا ٿي پياسين.

لڳو داءُ نه جيڪر، ته ڦاٽي چڏيائون،
اسين تاش جا چڙ، پتا ٿي پياسين.

جنين سر ڏنا هِت، ڪري ويس تن جي،
پچي لئي منجهان لَٽُ، پتا ٿي پياسين.

رکي پڳ مٿي، اچا جا مان پهري،
ماڻهن لاءِ مرشد وڏا ٿي پياسين.

سنڌو جي سُڪڻ جي ڪجي ڪنهن سان شڪوه،
اسين پاڻ ويري، پنهنجا ٿي پياسين.

غدارن سان "عاجز علي" آ بغاوت،
خدا جو قسم آ، خفا ٿي پياسين.

اسين پريمي پيار پوڄاري، ڪافر چئو ته ڀلي چئو،
ڪون ڪنداسون توبهه زاري، ڪافر چئو ته ڀلي چئو.

پيار پيغمبر، پيار ڏٽي آ، پيار مان ساري ڪائنات،
ڪان مناسب آ انڪاري، ڪافر چئو ته ڀلي چئو.

قلب جو ڪعبو سارو ڊاهي، من ۾ چڏيوسون مندر بنائي،
تنهن ۾ رکيسون مورت پياري، ڪافر چئو ته ڀلي چئو.

بُت ۾ ڏٺو سون حق جو جلوو، اسين ڪريون ٿا ان جي سيوا،
غلط عبادت تصور واري، ڪافر چئو ته ڀلي چئو.

غير ڪان غيرت، غير ڪان نفرت، محبت ۾ هرجائي ناهيون،
هڪڙي يار سان آهي ياري، ڪافر چئو ته ڀلي چئو.

گل جي خوشبوءِ گل جي صورت گل جي اهميت ٿاريءَ سان
”علي“ ميون ٿا اول ٿاري، ڪافر چئو ته ڀلي چئو.

سچ چوان پر، عزت ناهي،
ڪوڙ ڪريان پر، عادت ناهي.

هڪڙي پاسي، رب رُسي ٿو،
ٻي ۾ وري خوش خلقت ناهي.

پنهنجي ٺهرائجن، گهر خدا جا،
ايڏي رب کي، حاجت ناهي.

حرام کايو، پڙهن نمازون،
اِها عادت آ، عبادت ناهي.

اِهڙي جاءِ تان اُٿڻ چڱو آ،
جنهن جاءِ تي اهميت ناهي.

ڪڪڙن وانگي روز ڪُسن پيا،
ماڻهوءَ جي ڪا قيمت ناهي.

حرام ڏاڍو، وڏي ويجهي پيو،
حلال ۾ ڪا، برڪت ناهي.

هٽي ويجن ٿا، حق اسان جو،
چون اوهان جي قسمت ناهي.

ڏاڍي مهنـــدان تـــون بـــ ڏاڍو ٿـــي،
هيٺـــي جـــي هـــت حرمـــت نـــاهي.

ڪـم نـ پـوي شـل ڪـم ظرف سان،
اِهـــڙي پـــي ڪـــا شـــامت نـــاهي.

جهـــڙي پوڄـــا پئســـي جـــي آ،
تيـــڏي خـــدا جـــي عبـــادت نـــاهي.

تنهنجـــي مـــرڻ تـــي روئـــي زمـــانو،
اِهـــڙي تنهنجـــي شخصـــيت نـــاهي.

فـــــرق وڌو آ، فرقـــــي بـــــازي،
مســـــلمانن ۾ محبـــــت نـــــاهي.

متـان ڪـائو، ڪـت نظـر جـو دوڪـو،
هـــر ڪـــو شـــربت نـــاهي.

جـــذبن وارا، جـــل ٿوڙينـــدا،
پـــي ۾ اهـــڙي طاقـــت نـــاهي.

تـــو سـان ويهـــي، ســـامهون ڳالهايـــان،
ايـــڏي مـــون ۾، همـــت نـــاهي.

اُهـــا تـــہ محفـــل، آهـــي اڏوري،
جـــنهن ۾ تنهنجـــي شـــرڪت نـــاهي.

تنهنجـــي ملـــڻ ڪـــان پـــوءِ جـــاني،
هـــاڻ رهـــي ڪـــا، حســـرت نـــاهي.

آئـــون نـــہ رهنـــدس، لفـــظ هـــي رهنـــدا،
مـــوت ڪـــان ڪـــنهن کـــي مهلـــت نـــاهي.

”علـــي“ ڏٺـــين پيـــو روز عجائـــب،
اڃـــان بـــہ تـــوکي عبـــرت نـــاهي.

— — —

تُنهنجي بي رُخي تي، بهارن رُنو آ،
منهنجي بيوسي تي، نظارن رُنو آ.

فراقن جا آهن، فضائن ۾ ماتم،
ڏسي منهنجي حالت، ستارن رنو آ.

بنان مند وسي پيو. اِهو مينهن نہ آهي،
فلڪ تي فرشتن ويچارن رنو آ.

تيو داغ چند ۾، لڳي سج کي باهي،
جنت ۾ حورن جي، سينگارن رنو آ.

طوفان ۾ گهيريل، ڏسي هي سفينو،
درد مان سمنڊ جي ڪنارن رنو آ.

”علي“ جي مرڻ تي، سين لڙڪ واهيا،
رُنين تون نہ هڪڙو، هزارن رنو آ.

— — —

سندم جان جوڳي، جلائي هليا ويا،
محبت جون مُرليون، وڄائي هليا ويا.

رهي رات هڪڙي، صبح ٿيا روانا،
سُتل سور سامي، جاڳائي هليا ويا.

مجيائون نہ منهنجي ڪا منت زاري،
سارو چين دل جو، چورائي هليا ويا.

جوڳي مِٽ نہ ڪنهن جا، اصل ذات ڏاڍي،
راول روھ رڻ ۾، رلائي هليا ويا.

پڙهي مَند مَنتر، ڪري مون ڪي قابو،
ڪُلف ڪاپڙي اڄ، لڳائي هليا ويا.

"علي" تن سوا نا، ساعت سک اچي ٿو،
منهنجي من ڪي پاڳل، بنائي هليا ويا.

— — —

اسين سنڌي آهيون، اُتي جا اُتي،
تڻا وک وڌايون، اُتي جا اُتي.

صديون ٿي ويون پر نہ سُڌرياسون اڃ تڪ،
وقت پيا وڃايون، اُتي جا اُتي.

اُهي پونگا پيٽيون، اُهي پد پراڻا،
اُهي جهوپا جايون، اُتي جا اُتي.

دنيا چند تي پهتي، موٽي ڏانهن مريخ،
اسين ڏوڙ پايون، اُتي جا اُتي.

وري چا چونداسين، خدا ڏيندو روزي،
پنهنجي دل بهلايون، اُتي جا اُتي.

رُڳي دال ڪايو، هٿون هٿ مُڇن تي،
پاهر تا پڌايون، اُتي جا اُتي.

جيلن ۾ بہ سنڌي، تہ ڪيلن ۾ بہ سنڌي،
سزا پيا ڪمايون، اُتي جا اُتي.

سچو ڏينهن گهرن ۾، ڪليو خوش ٿيون پيا،
ڏسيو پنهنجون مايون، اُتي جا اُتي.

علم ڪان هنر ڪان تجارت ڪان پاسي،
تغاريون ٽِڪايون،اُتي جا اُتي.

سُڪيئي ياءِ سان بيحد رڪون ساڙ ڏاڍو،
حسد جون ٻه ٻاهيون، اُتي جا اُتي.

جيڪي ڪالهه آيا، اُهي اڄ عيش ۾،
اسين سور ڪايون، اُتي جا اُتي.

ڪري ڪاريون ماريون، نمائيون ڪئين ناريون،
غيرت مند سڏايون، اُتي جا اُتي.

توري ڳالهه تان پيي، ڪهاڙي سڌي آ،
مغز ۾ وهايون، اُتي جا اُتي.

وڏيرن رئيسن جي، غلامي وٺي ٿي،
فخر تنهن ۾ پانيون، اُتي جا اُتي.

اندر هوٽلن ۾، لڳن پيون لپاڙون،
اجايون سجايون، اُتي جا اُتي.

وري ٽياسون پوڙها، ته آزار گهر ۾،
ڪانگهارا ڪپايون، اُتي جا اُتي.

ڌارين سان ناتا ۽ پنهنجن جا ويري،
پاريون پيا نيايون، اُتي جا اُتي.

ڌارين ڪان ڪئين دوڪا، دغائون مليون پر،
تنا ڪجھ ساڱاهيون اُتي جا اُتي.

چورين ۾ ڦڏن ۾ جهيڙن ۾ جهلياسون،
نشن ۾ تباه آهيون، اُتي جا اُتي.

جيئي سنڌ جيئي سنڌ، آزادي آزادي،
نعرا پيا لڳايون، اُتي جا اُتي.

نتيجو مليو آ، ٿيو بند پاڻي،
هاڻي واجهايون. اُتي جا اُتي.

"علي" يار اڳتي ڪجي ڇا شڪايت،
تنا ڪجھ پرايو، اُتي جا اُتي.

— — —

اوهان جي ڏڪاريو ته ڪاڏي وينداسين،
ڪاوڙ مان نهاريو، ته ڪاڏي ويندا‌سين.

دنيا ڀَل وساري، ڪو افسوس ناهي،
اوهان جي وساريو، ته ڪاڏي ويندا‌سين.

جيئون پيا اوهان جي، اسين آسري تي،
اوهان خود جي ماريو، ته ڪاڏي ويندا‌سين.

دنيا جي درياءَ ۾ ناهي پيو سهارو،
اوهان جي نه تاريو، ته ڪاڏي ويندا‌سين.

اسان جي ڪلڻ ۾، ڪونهي خوش زمانو،
اوهان جي روئايو، ته ڪاڏي ويندا‌سين.

”علي“ گڏ آهي مشڪل، اڪيلو گذارڻ،
اوهان جي نه گهاريو، ته ڪاڏي ويندا‌سين.

— — —

ستم گيري جي حد ناهي، سچو سنسار ويٺو ڏس،
زماني ۾ ظلم ظام، سِر بازار ويٺو ڏس.

ڪوئي ماريو ڪوئي پاريو، پيو قيد خاني ۾،
ڪوئي ڦٽجي ويو لُٽجي لڪين لاچار ويٺو ڏس.

ڪٿي چوري ڪٿي زوري، ڪٿي ڌاڙا ڪٿي اغوا،
قتل غار مارا ماري، ڌماڪا ڌار ويٺو ڏس.

ڪُهن پي پيا چون پي پيا، متان چورين ڇُري هڪڙي،
برابر يار ٻُجڙائي، سندي پر مار ويٺو ڏس.

شريفن ڏانهن شڪي نظرون، آهن هر ڪنهن حرامي جون،
شريرن ساڻ شامون پيون، ملهائجن يار ويٺو ڏس.

ڏٺي ڌرتي ڌڪا کائن، اُڌارن جون آهن عيدون،
ڦِري پيو چرخ اُبتو هِت انڌا آچار ويٺو ڏس.

ٻنان ناٽي جي ٽاٽي ۾، سپاهي پي نہ سهندئي ڪو،
هوندئي پئسا تہ پوءِ تنهنجو آ صوبيدار ويٺو ڏس.

گلي ۾ گل غدارن ڪي، غريبن جي گلي ۾ هٿ،
ناهي ڪو داد دنيا ۾، ناحق نروار ويٺو ڏس.

سين جي ڪاهه ڪُرسي ڏي، ڪُتا جيئن ڍوندي تي ڊوڙن،
ڏهاڙي آهي ڏاڙهي پَٽ، وڙهن وينجهار ويٺو ڏس.

وزارت لئه وڏيرو ته، شرم وڪٽي پرم وڪٽي،
ڪُهائي قوم پنهنجي کي، بيٺو بدڪار ويٺو ڏس.

مليس هڪ ڪار ۽ بنگلو، پلي پوءِ پينگ پئي ٽئي،
نه منهن مان لفظ ٻوليندو، ميمبر منهدار ويٺو ڏس.

بگهڙ ٿيو بادشاهه آهي، پيا اڄ شينهن پڃرن ۾،
گدڙ آهي چڙهيو گهوڙي، ڪُوئو ڪمدار ويٺو ڏس.

ٻارهن سالن جي ٻالڪ سان، پنجاسي سال جو پوڙهو،
پرڻجي پيو ڏيئي ڏوڪڙ، اِهو واپار ويٺو ڏس.

مليا ڏوڪڙ ته مائٽن کي، مٿو مسڪين هُن جو ويو،
وهائي نير نيڻن مان، نماڻي نار ويٺو ڏس.

اُپائن اَن جيڪي هاري، سيئي محتاج ماني لئه،
اَڃها ڪونهي اُنهن جا تون، اَگهاڙا ٻار ويٺو ڏس.

پگهر پورهيت پيو واهي، ۽ سرمائيدار سک ماڻي،
چڙهيو گاڏين گهمي تو پيو، نڪو ڪم ڪار ويٺو ڏس.

دنيا ۾ اڄ آهن دستور، ٿيا دائم دقيانوسي،
جوڙيا قانون قائدا، سورهيه سرڪار ويٺو ڏس.

ڇا جا قانون قائدا، جيڪو ڏاڍو سو ڳابو آ،
صفا راند آ سوٽي جي، سچو سنسار ويٺو ڏس.

”علي عاجز“ نہ ٿي عاجز، اُٿي ڪجھ اڳيرو ٿي تون،
ڪوئي ايندو، امن ٿيندو، تون آخر ڪار ويٺو ڏس.

— — —

ڪٿي آهين تون اي، آزاد جي راڻي،
سهي نا سگهون ٿا، تون ڪر سگهه سياڻي.

غدارن اسان جو، آ گلشن ڦٽايو،
نہ مُڪڙيون نہ گُلڙا، نڪا آ سرهاڻي.

سنگينن جا سوراخ سيني منجهان ٿيا،
گسن ۾ گلين ۾، آ گولين جي گهاڻي.

ٻٽي سور سنڌڙي، ناهي شانتي ڪا،
اڳي شهر بند هئا، هاڻي بند پاڻي.

اِجهو ڪالهه پي آهي ڪونڌر ڪسايو،
ويٺي لڙڪ واهي، جيجل ماءُ نماڻي.

ويئي سنڌڙي لبنان، بيروت بنجي،
لڳي آڳ جيڪا اجان نا اُجهاڻي.

"علي" سج امن جو اجان ڪين اڀريو،
ڪڏهن رات ڪاري جي ٿيندي پڇاڙي.

— — —

محبت جو متوالو آهيان،
عدون ڪاڻ، اوپالو آهيان.

ڪوئي مونکي، پِي نہ سگهندو،
زهر قاتل جو، پيالو آهيان.

آزادي جي، مئيخاني جو،
مانجهي مست، مَوالو آهيان.

سنڌي آهيان، سنڌ ۾ رهندس،
مان نہ مهاجر، لالو آهيان.

مرندي ڪُسندي، مُلڪ نہ ڏيندس،
جيئي سنڌ، جيالو آهيان.

دل دودي جي، هوش هوشو جو،
هيمون جو تہ، حوالو آهيان.

ڏاريا ڪيندس، ڳائي وڄائي،
جهومر ساڻ، جمالو آهيان.

ڪينجهر منڇر، ڪارونجهر تَڪ،
سنڌڙي جو رکوالو آهيان.

منزل تائين، پَرندو رهندس،
جلندڙ جوت، اُجالو آهيان.

سر ۾ سونهي، سنڌي ٽوپي،
دشمن داغ، دوشالو آهيان.

اجرڪ منهنجو شان ”علي“ آ،
لٺ ڪُهاڙي، ڀالو آهيان.

— — —

خزان جا نپايل بهارون چا ڄاڻن،
رڻن جا رهاڪو، بازارون چا ڄاڻن.

وڻن جن کي ٻوليون، ٽيون چٻرن چڻن جون،
اُهي ڪنهن ڪوئل جون، ڪوڪارون چا ڄاڻن.

ڏوراپا ڏجن پيي، ته ڪنهن کي ڏجن،
ماڻهو بي مروت، مِيارون چا ڄاڻن.

صدائون نه سڻندا، ستايل جون هرگز،
اِهي گونگا ٻوڙا، پوڪارون چا ڄاڻن.

درد چيز ڪهڙي، خبر درد مند کي،
پيا پيار واريون، پچارون چا ڄاڻن.

سُگهڙ ڪوئي سمجهي، شعر پٽ ڏٽي جا،
”علي“ جهڙا اُن جون، جهونگارون چا ڄاڻن.

— — —

آهن داستانَ اسان جي اکين ۾
نقش ڪئين زمانَ اسان جي اکين ۾.

لکين گيت وايون لکين ساز چيڙيل،
گونجن ٿا ترانا، اسان جي اکين ۾.

ڪيڏي آس پيا ٿا، رکون تنهنجي لاءِ،
جانچي ڏس اوجانا، اسانجي اکين ۾.

هميشہ ڪان آهيون، پوڄاري حُسن جا،
اکر عاشقانا، اسان جي اکين ۾

گهاٽي وڻ مثل ٿا، ڏيون ڇانءُ سين ڪي،
اڏيل آشيانا، اسان جي اکين ۾.

توکي ڇا تو گهرجي، ذرا ڪول مقصد،
دفن ڪئين خزانا، اسان جي اکين ۾.

”علي“ نفرتن جا لُٽي سنگ ڇڏياسون،
محبت جا پيمانا، اسان جي اکين ۾.

— — —

جڏهن مونکي ڳوليو، ويرانين ۾ ملندس،
دکايل دلين جي، مان ڌڙڪن ۾ ملندس.

نہ بلبل آهيان جو، هوندس باغ ڪنهن ۾،
بيابان صحرا، ميدانن ۾ ملندس.

آهيان لڙڪ يارو! ڪنهن مظلوم اک جو،
دردناڪ دانهن ۽ آهن ۾ ملندس.

غريبن جي جهوپن، پورهيت جي پگهر ۾،
پريشان حالت، حيرانن ۾ ملندس.

گندي گوڏ قاتل، اگهاڙن پيرن سان،
نماڻن نيرانن، نجيبن ۾ ملندس.

ويساهہ هر ڪنهن تي ڪري مان ويهان ٿو،
ديوانو آهيان ۽ ديوانن ۾ ملندس.

نڪو ناچ گانو، نہ ڪلبن جي پاسي،
ناهيان رول مان جو، رومانن ۾ ملندس.

نہ بجليون نہ بتيون، پرن ڪونہ ٽيون جت،
انڌيرن سندي، آستانن ۾ ملندس.

صدين ڪان قتل شهر، ڪنڊرات جيڪي،
ماضي جي انهن ئي، آثارن ۾ ملندس.

ڏسو ورق تاريخ، وارا ورائي،
حقيقت آهيان نا، فسانن ۾ ملندس.

فضائن سان شامل، مڌر ساز چنگ جا،
آزادي جي نغمن، ترانن ۾ ملندس.

نہ شڪوه شڪايت آهي، منهنجو شيوو،
گونگن جي مثل بند، زبانن ۾ ملندس.

ڏاڍاين جا ڏاڍا، اندر داغ آهن،
نہ مٽجي سگهن، تن نشانن ۾ ملندس.

ڀُلائي نہ سگهندي، دنيا منهنجو نالو،
مان دفتر آهيان، داستانن جو.

آهيان راهہ مسافر، پنهنجي راهہ تي راهي،
آخر نيٺ هڪ ڏينهن، آشيانن ۾ ملندس.

”علي“ آهيان اِهڙو اَمل هڪ مان اڻ ملهہ،
ٽُٽي جي پيس تہ بہ، ڪروڙن ۾ ملندس.

مون ڪان دور ٿيندين، خبر ڪانهه هئي ڪا،
ايڏا سور ڏيندين، خبر ڪانهه هئي ڪا.

آئون تنهنجو پياسو، تون رت جو پياسي،
ڪلي خون پيئدين، خبر ڪانهه هئي ڪا.

ڪري يوڳ پانيم، صنم پيار تنهنجو،
جگر ڪي ڦٽيندين، خبر ڪانهه هئي ڪا.

سڄڻ توکي ساري ڏنم رات روئي،
ايڏو ياد ايندين، خبر ڪانهه هئي ڪا.

اُهي ڏينهن اڳوٽا، پنهنجي پيار وارا،
ڀُلائي ڇڏيندين، خبر ڪانهه هئي ڪا.

سُتو تو ڏنو، ڪو وفائي جو بدلو،
ڇڏي مونکي ويندين، خبر ڪانهه هئي ڪا.

"علي" جي اميدن، تي پاڻي ڦيرائي،
ٻيڙو تون ٻوڙيندين، خبر ڪانهه هئي ڪا.

اسين آهيون، ٽڪرايل ماڻهو،
من جو چين لٽايل ماڻهو.

ڪنهن کي يارو، ياد نہ آهيون،
دنيا پر جاءِ پلايل ماڻهو.

سج چند وانگي، سدا سفر ۾
حالاتن جا هلايل ماڻهو.

بک جو کهڙو، احساس تن کي،
جيڪي آهن ڍايل ماڻهو.

مُلڪ ۾ آهن لکين ڪروڙين،
غربت غم جا گهايل ماڻهو.

ترسن پيا ٿا، آب جي لاءِ،
آسروند اُڃايل ماڻهو.

سردي گرمي ڪونہ سهن ٿا،
نازڪ ناز، نپايل ماڻهو.

ٺوڪر هڪ سان ٿڪا ڏين ٿا،
جهڙا هٿ جا ٺاهيل ماڻهو.

ڳولي ڳولي ٿڪا هئاسون،
اڄ مليا سي، وڃايل ماڻهو.

سيني جو سينگار، لڳي ٿو،
محفل ۾ هڪ آيل ماڻهو.

ڪون خريدي سگهندين "علي" ڪي،
آهي اڳ ۾ ڇُڪايل ماڻهو.

— — —

گهڻي دير ٿي وئي، اُٿو ڙي سنڌيئڙا،
ڪاٿي سچ آيو آ، ڏسوڙي سنڌيئڙا.

اڃان پيو اسان اڪ، نہ ڪولي تہ پوءِ،
نالو ڪون رهندو، پنهنجو ڙي سنڌيئڙا.

قلندر پڪارئي، سچ سرمست ۾
پاڳاري جو نعرو، هڻو ڙي سنڌيئڙا.

اڃي جيڪا ديوار، منزل ۾ آڏي،
رُڪاوٽ سا ٽوڙي، رکو ڙي سنڌيئڙا.

جگر خون پنهنجي مان لاٽون جلائي،
پنهنجي راهہ روشن، ڪريو ڙي سنڌيئڙا.

ڇڏيو ريتون رسمون، غلط غير فطري،
هاڻي گڏ دنيا سان، هلو ڙي سنڌيئڙا.

پنهنجي قوم جو چو، سِسيون بيٺا لاهيو،
پنهنجي ٻانهن چو پيا، وڍيوڙي سنڌيئڙا.

نہ هڪ ٻي کي ماريو، ملي تن کي ماريو،
جنين رت اسان جو، پيتوڙي سنڌيئڙا.

اھي دشمنيون وير، ويچا وساري،
آڻي مُرڪ منھن تي، ڪلوڙي سنڌيئڙا.

اسان جي ھي سنڌڙي، سڌي پئي اسانکي،
جيئاريو جيجل کي، جيئوڙي سنڌيئڙا.

علم روشني آ، پڙھو ۽ پڙھايو،
جھالت جي اونداھ، چڏيو ڙي سنڌيئڙا.

وسائل جي پنھنجا، سي حاصل ڪريو سڀ،
نہ ورثو وڃايو، وٺوڙي سنڌيئڙا.

يتيمن، بيواھن، سقيمن، سندي ڪا،
سِگھي سار ساري، لھوڙي سنڌيئڙا.

زميندار تاجر وڏيرا، وَڏي ڪجھ،
غريبن کي مددون، ڏيوڙي سنڌيئڙا.

سائنس جو زمانو، مشينون ڪپن ٿيون،
گھوڙن جو وقت اڄ، ويوڙي سنڌيئڙا.

ڪڏي ھٿُ ڪتن مان، ڪَچن مان ڪڪڙ پيو،
عرض ھِن ”علي“ جو مڃوڙي سنڌيئڙا.

___ ___ ___

درد ماري دل، نراس آهي،
مگر نہ توکي، احساس آهي.

پِي ويندس مان، پيار جو درياءُ،
اَيڏي من کي، پياس آهي.

پيار اچي تو، يار پڇي تو،
ڏاڍو هن کي، هِراس آهي.

ڪوڙ کي عزت، مان ملي تو،
سچ جي لاءِ، ٿياس آهي.

هڏ هارين جا، سڀ کائي ويو،
ڳوٺ وڏيرو، راڪاس آهي.

ڪنهن سان ملڻ ۾، خيال ڪندو ڪر،
دشمن ڏاڍو، حساس آهي.

”علي عاجز“ سان، ملي وڃو اڄ،
طبيعت ڏاڍي، اداس آهي.

___ ___ ___

لابارن جا ڏينهن اچي ويا،
ڪم ڪارن جا ڏينهن اچي ويا.

مُٽ ۾ ڏاتو، ڳاڙهي ڳن سان،
لاهيارن جا ڏينهن اچي ويا.

اڄ ڀهراڙي، ڀهَڪي پيئي،
جنسارن جا ڏينهن اچي ويا.

بيت سانوڻ جا، نڙجو واڇو،
جهونگارن جا ڏينهن اچي ويا.

ڪي ملبا، ڪي وچڙيا ويچارا،
اهڙن پارن جا ڏينهن اچي ويا.

عصر ويلي، ميهار مينهن سان،
هونگارن جا ڏينهن اچي ويا.

هٿ ۾ نپو، ڦِرن ڪري ۾،
ڪمدارن جا ڏينهن اچي ويا.

غضب ٿيندا، ڪئين حق هارين جا،
زميندارن جا ڏينهن اچي ويا.

ڪير مڪڻ ڏڌ گيهه ۽ ڏنئورا،
مالدارن جا ڏينهن اچي ويا.

”علي“ لڳي ويون، بر ۾ بازارون،
واپارن جا ڏينهن اچي ويا.

— — —

تنهنجي ياد آئي، تہ اکڙيون روئي پيون،
جلايو جدائي، تہ اکڙيون روئي پيون.

سارينديِ سارينديِ، سارو ڏينهن گذريم،
جڏهن رات چانئي، تہ اکڙيون روئي پيون.

جڏهن چنڊ چوڏهين جي، چمڪار لايا،
ستايو سُهائي، تہ اکڙيون روئي پيون.

ڏنئي پيار پهرين تہ خوش زندگي هئي،
ڪَيئي بي وفائي، تہ اکڙيون روئي پيون.

اسين آهيون ماريل، احساس ۾ اهڙا،
ڪئي ڪنهن پلائي، تہ اکڙيون روئي پيون.

ٻڌائڻ چاهياسين، "علي" درد پنهنجا،
نہ هو حال پائي، تہ اکڙيون روئي پيون.

___ ___ ___

پيار ڪجي، پوءِ ذات نہ پڇجي،
حسب نسب جي، بات نہ پڇجي.

هندو مسلم، ڳورو ڪارو،
شاهي گدائي، ذات نہ پڇجي.

عزت ذلت يا، جُٺ ملامت،
چاڻيندو، حالت نہ پڇجي،

منزل تي پيو، هل مسافر!
سانجهہ صبح، پريات نہ پڇجي.

اَيرو يونگو پنهنجو پلو آ،
ماڙي يا محلات نہ پڇجي.

مقتل ۾ آ، ڪم ڪُسڻ سان،
ڪپ ڪتاري، ڪات نہ پڇجي.

"عاجز علي" ڪر همت ۽ محنت،
درد جي خيرات نہ پڇجي.

غم جي پيڙا، ڪانءُ گهٽي آ،
رات سڄي مون، ويهي ڪٽي آ.

روز نوان، طوفان اچن ٿا،
سينو منهنجو، سمنڊ پٽي آ.

اچڻ ٿتو ڏي، چا تہ ڪندس مان،
هن جي مرضي هُن جي گهٽي آ.

ڳالهہ هوندي آ، وقت وقت جي،
ڪالهہ مٽي سا، اڄ ڪٽي آ.

هن لئہ رسڻ آ، کيل معمولي،
منهنجي سر تي، وڏي چٽي آ.

هن رستي تي، هڳاءُ اچي پيو،
شايد ڪائي، سونهن مَٽي آ،

هي علائقو، غير لڳي ٿو،
”عاجز علي“ تون هيڏي هٽي آ.

—— —— ——

پرائي پرت ، پنهنجن ڪان وياسين،
آهيون پرديسي، وطن ڪان وياسين.

ڪنهن جي آسري تي، گذاريون گهڙي ٻه،
فقيرن جيئن پنهنجي، گهرن ڪان وياسون.

انڌا پي ڪمائن، سوين روز روپيه،
ڪيو نينهن ناڪاره، انڌن ڪان وياسون.

اڪيلائي محسوس، ڪئي سون ٻه ڏڏهن،
جڏهن نڪري هُن جي، پڪن ڪان وياسون.

مريض محبت ڪي، مسيحا ڇڏي ڏيئي،
اسين هاڻ تنهنجن، حبن ڪان وياسون.

ڪٿي جا نه بلڪل رهيا آهيون هاڻي،
جيئون ٿا پياه پر جيون ڪان وياسون.

”علي“ ٿياسين عاجز هلي هيڏي هوڏي،
ڏڪن ڪان بچڻ لئه، سڪن ڪان وياسون.

——— ——— ———

برو ناهي، خالي ٺڪر پيو سُتو.
هيرو قيمتي، گس پٿر پيو ستو.

اڇي ڪم ۾ ويندو ڪڏهن نہ ڪڏهن،
نياڳو نحس، لُچ لوفر پيو ستو.

ماڻهو هر ڪنهن جو آ، الڳ نظريو،
پلو دين آهي، ڪفر پيو ستو.

آهي ڪن جي لاءِ، ڏڳو پيو حرام،
وري ڪن جي لاءِ، سوئر پيو ستو.

ڪائنات جي هر، ذري منجهہ خدا،
سُتيون مسجدون ۽ مندر پيو ستو.

پُراڻين چيزن مان، سبق تون سک،
قديمي محل جو، ڪندر پيو ستو.

رنڍي پيو گهڻا، روح ٿي راضي ڪري،
ڪنهن جي لاءِ هوندو، ڪچر پيو ستو.

سُڪارن ۾ مولا، تو، وسري وڃي،
خدا جي ياد ڏي، سو ڏُڪر پيو ستو.

منهنجي مرضي آهي، تہ مهل شام جو،
صورت پي صبح جو، پهرين سٽو.

پري ڏي پيالو، اجايل آهيان،
اوهان جي هٿن جو، زهر پي سٽو.

نہ چاڙون اَنبن مان، ٿا مارؤ اسين،
اسان ڪاڻ تر جو، توهر پي سٽو.

تٽو مان چوان ڪر، تون ڳالهيون سوين،
محبت جو هڪڙو، اکر پي سٽو.

پلو آ يلو پر، ملي پي سهي،
بُکيئي پيٽ خاطر، اڳتي سَقر پي سٽو.

ناڪامي بعد ٿي، ڪاميابي ملي،
سُکن لئہِ ڏکن جو، سفر پي سٽو.

ماڻهون ڪي دنيا ۾، پرائڻ ڪپي،
علم چيز اعلىٰ، هنر پي سٽو.

اهڙو گهر بہ گهوريو، جو تمندو هجي،
ڏَڪي لِهہ تہ اِهڙو، ڊنگر پي سٽو.

ڏٿو روبرو جنهن ٻه مدني مِٿو،
سو ”عاجز علي“ ڪان، ڪافر پيي سٿو.

— — —

ظالم جي ظُلم تي، مان ٻ لڪان تون ٻ لڪ،
جابر جي جرم تي، مان ٻ لڪان تون ٻ لڪ.

سنڌڙي جي سور تي، هاري مزدور تي،
قهر واري قدم تي، مان ٻ لڪان تون ٻ لڪ.

گولين جي بوڇاڙ تي، مظلومن جي راڙ تي،
چڇريل جان جسم تي، مان ٻ لڪان تون ٻ لڪ.

ڪلاشن ڪوف تي، بارودي توف تي،
ائٽم جهڙي بم تي، مان ٻ لڪان تون ٻ لڪ.

سنڌو جي واري تي، ڪارو ءِ ڪاري تي،
خوني ريت رسم تي، مان ٻ لڪان تون ٻ لڪ.

پنهنجن جي ساڙي تي، ڌارين جي ڌاڙي تي،
اندر جي زخم تي، مان ٻ لڪان تون ٻ لڪ.

نياڻي نماڻي تي، وڃي وڪاڻي تي،
پيءُ جي رحم ڪرم تي، مان ٻ لڪان تون ٻ لڪ.

ليڊر جي لٻاڙ تي، اميدن جي آڙ تي،
ڪوڙي واعدي قسم تي، مان ٻ لڪان تون ٻ لڪ.

چور جي آزاد تي، پاڳيئي جي بي داد تي،
قانون جي قلم تي، مان ٻہ لکان تون ٻہ لک.

نشي جي لعنت تي اِهڙي ذلت زحمت تي،
زندگاني ختم تي، مان ٻہ لکان تون ٻہ لک.

مُلن جي ويڙهہ تي، فرقي بازي ڦير تي،
دين ۽ ڌرم تي، مان ٻہ لکان تون ٻہ لک.

"علي" جي وفا تي، هُنن جي جفا تي،
سُهڻن جي ستم تي، مان ٻہ لکان تون ٻہ لک.

— — —

زمانو ڏار ٿيندو آ، جڏهن ڪو پيار ٿيندو آ،
ڏاڍو تڪرار ٿيندو آ، جڏهن ڪو پيار ٿيندو آ.

سوين مسئلا، سوين ڳالهيون، سوين مشڪل پريشانيون،
ماڻهو لاچار ٿيندو آ، جڏهن ڪو پيار ٿيندو آ.

نمونو ئي بدلجي ٿو، پراون جو ۽ پنهنجن جو،
سڀن کي خار ٿيندو آ، جڏهن ڪو پيار ٿيندو آ.

اندر آهون ٻاهر دانهون، ستائن يار جون يادون،
وڏو آزار ٿيندو آ، جڏهن ڪو پيار ٿيندو آ.

کلڻ کان پيي هلڻ کان پيي، وڃي ماڻهو ويهڻ کان پيي،
جيئڻ دشوار ٿيندو آ، جڏهن ڪو پيار ٿيندو آ.

تعويذن کان طبيبن کان، مرض مشڪل مسيحن کان،
دارون ديدار ٿيندوآ، جڏهن ڪو پيار ٿيندوآ.

نماڻو ناتوان عاشق، چاهي هلڪو هجي گل کان،
دنيا تي بار ٿيندو آ، جڏهن ڪو پيار ٿيندوآ.

لڳي جنهن ساڻ دل "عاجز علي" پوءِ اُهو ماڻهو،
اکين جو ٺار ٿيندوآ، جڏهن ڪو پيار ٿيندوآ.

ساري زندگي آ، سفر جو سفر،
هيڏي هوڏي هر هنڌ چڪر جو چڪر،
زمانو ڏسي تو، زخم ظاهري،
جلي جيءُ ويچارو، اندر جو اندر.

جُهڙالو اڪين تان، لهي ڪونہ تو،
چميل آ سدائين، چمر جو چمر،
هجي هڪ تہ اُن تي، ميارون ڪجن،
آهي بيوفا هي، شهر جو شهر.

ميون تا تہ لوهہ ڪي، ڪري سون تو،
مگر پاڻ پارس، پٿر جو پٿر،
ملائينس ماڪيون ۽ مصريون ڪندون،
زهر پوءِ بہ هوندو، زهر جو زهر،

سمند پي ڪائي تو، ڪنارو پنهنجو،
ڪاڏل آهي هو ڏس، ڪپر جو ڪپر،
"علي" ٿيو نہ آباد، من جو محل،
رهيو آهي سارو، ڪندر جو ڪندر.

سُک سمهڻ جو، وقت نہ آهي،
اُت ويهڻ جو، وقت نہ آهي.

ماڻهو وڃي آ، عرش تي پهتو،
هيٺ جيئڻ جو وقت نہ آهي.

جيڪو جيئن چوي، تون چئو صحيح آ،
سچ چوڻ جو، وقت نہ آهي.

حرڪت ۾ ئي، آهي برڪت
ماٺ رهڻ جو، وقت نہ آهي.

ڪير نہ ڪو هت، پرچائيندئي،
يار! رُسڻ جو، وقت نہ آهي.

پاڻ لاءِ نہ، جيءُ پين لئہ،
اجان مرڻ جو، وقت نہ آهي.

مرشد ڪي رک، حد جي اندر،
پير چُمڻ جو، وقت نہ آهي.

گولي ڪي هڻ، سامهون گولي،
هٿ ٻڌڻ جو، وقت نہ آهي.

صبح هجي يا، سانجهه هجي،
وقت ڏسڻ جو، وقت نه آهي.

روان دوان رهه، پنهنجي راهه تي،
ڪنهن لئہ بيهڻ جو، وقت نه آهي.

جئين چوين تئين، ڪر به سهي،
ڊاڙ هڻڻ جو، وقت نه آهي.

راز سيني ۾، رک سنڀالي،
اڄ کولڻ جو، وقت نه آهي.

اڄان ”علي“ ڪجهه، شعر لکون ها،
ليڪن لکڻ جو، وقت نه آهي.

— — —

سپ چئو ٿا، زندگي،
پر ڇا ڏنو آ، زندگي.

مسئلا ۽ مشڪلاتون،
سور سارا زندگي.

هر وقت، هٿ ۾ ڦِري،
غم جي، مالا زندگي.

حسرتون ئي، حسرتون،
تمنا ئي تمنا، زندگي.

ڪيئن هلاڪيون، حاجتون،
گهاٽا گهوٽالا، زندگي.

بي بقا ۽ بي وفا،
پيا درد، دوکا زندگي.

گر نہ هئاسون، ڪون مئاسون،
آهيون ماريا، زندگي.

موت جنهن جي انتها،
سا ”علي“ ڇا زندگي

---

برساتن جي، موسم آئي،
نزاڪتن جي، موسم آئي.

جيڏانهن ڪيڏانهن، سبزي ساوڪ،
سُپيا ڪتن جي، موسم آئي.

سوڪهڙي ۾، سال سچو هئا،
ٽر وارن جي، موسم آئي.

سڪ وارن کي، لڳيون ساروٽيون،
ملاقاتن جي، موسم آئي.

گهر ڌهي پيا، ڪئمپون قائم،
خيراتن جي، موسم آئي.

ڪم جا ٽوٽي، ڪم کان آجا،
بيڪارن جي، موسم آئي.

گس تي پاٽي، گوڏي جيڏو،
هلاڪتن جي، موسم آئي.

مڇر مکين کي، وارو مليو،
آزارن جي، موسم آئي.

”عاجز علي“ ٿئي، بجلي غائب،
اونداهين جي، موسم آئي.

— — —

ڪاڻي آن صنم! تُنهنجا ٻانها رُلن پيا،
تو لئہ خوبروءَ دل جا خانا رُلن پيا.

پُراڻو آ پاپي، چون پيار جنهن کي،
دنيا ۾ ڏسو ڪيئن، ديوانا رلن پيا.

ڏسي تو کي جانا، ڪڏهن ڏئو نہ ٽيو آ،
منهنجا نيڻ هردم، نيرانا رلن پيا.

قدر شاعري جو، ڪٿي ڪون آهي،
گهٽين منجهہ گانا، بجانا رلن پيا.

بريڪن ۾ بند ٿيو، آ قرآن هاڻي،
اِلاهي لفظ اڄ، بيگانا رلن پيا.

قلم جي ڪفن سان، ڪتابي قبر ۾،
حقيقت دفن آ، فسانا رلن پيا.

سبز باغ سارا، لُٽائي ڇڏياسون،
”علي“ وٽ تہ هاڻي، ويرانا رلن پيا.

— — —

گهر منهنجو ٿيئي چمن، جي تون ملين،
عيدون اکڙين جون ٿين، جي تون ملين.

اڄ آهن آڪاش تي، ڪارا ڪڪر،
بارشون برسي پون، جي تون ملين.

باهي چڻ منهنجي اندر ۾، تي پري،
جهٽ وجي دل جي جلن، جي تون ملين.

تو سوا هر سُوءِ پئي، اونده لڳي،
راهون روشن ٿي وجن جي تون ملين.

منهنجو امنگون، ڪنوار جيئن سينگار ڪن،
پيار جا پوپٽ نچن، جي تون ملين.

ٿي وجي آباد وستي، من سندي،
محفلون ميلا مچن، جي تون ملين.

نيڻ منهنجا هر ڪنهن ڇهري ڪان هٽي،
تو ڪي بس ڏسندا رهن، جي تون ملين.

راز ڍڳ "عاجز علي"، روح ۾ رکيا،
تو اڳيان ظاهر ڪجن، جي تون ملين.

---

دنيا ۾ ڪجھ ڪري وڃجي،
رنگ وفا جو، پري وڃجي.

موتڻ يي پيو، ٿيئي محال،
ايڏو ته گهٽو پري نه وڃجي.

چاهتن سان، جيڪو چاهي،
اُتي ته، ذري ذري وڃجي.

مٿاچري تي، ڪوڏا ملندا،
موتين لئه منجهه، تري وڃجي.

مرڻ ڪان پوءِ، روئي زمانو،
پيار دلين ۾، ڌري وڃجي.

پويان هجي، گلا شڪايت،
ڏارو نه اهڙو، ڌري وڃجي.

"علي" عاجز پوک، تون پنهنجي،
ڪنهن جي نه ڪيٺ، ڪري وڃجي.

---

ڏينھن ڪلي ٿو، رات روئي ٿي،
ماڪ ينل پريات روئي ٿي.

ناقدر جي ناقدري تي،
دل جھڙي سوغات روئي ٿي.

موت ڏسي، مسڪين ماڻھو جو،
سُڏڪن سان، سڪرات روئي ٿي.

مُستحقن جي، ھٿن منجھاران،
ڪسجي ويل، خيرات روئي ٿي.

مھانگائي پيء ماري وڌو آ،
اُجرت اِخراجات، روئي ٿي.

گلن مٿي آ، پھرو ڪنڊن جو،
بلبل غم جي، لات روئي ٿي.

”علي“ اِھڙي ڪنھن، شعر فاحش تي،
شاعري جھڙي، ذات روئي ٿي.

غم جا ڪنول، ٽڙيا آهن،
پوئنر يادن جا، مڙيا آهن.

زمين تي، ناهي زلزلو،
منهنجا پير، ٿِڙيا آهن.

پتنگ بنجي، متي هوا ۾،
پيچ اکين جا، لڙيا آهن.

حسرتن جا موتي، من تي،
جواهر وانگي، جڙيا آهن.

جان جگر، هي ساهه پساهه،
سڪ ۾ سارا، سڙيا آهن.

نوان نه آهن، اسان جا رشتا،
روز اول ڪان، اڙيا آهن.

اجان "علي" هي پچندا رچندا،
ٿانءُ ڪچا جي، گهڙيا آهن.

--- --- ---

پرين پيار آهي، ڏسون ڇا ٿيئي ٿو،
تجربو ئي ناهي، ڏسو ڇا ٿيئي ٿو.

اسين پي رهون ٿا، اهڙي ديس ۾ جت،
پري پيئي باهي، ڏسون ڇا ٿو ٿيئي.

هتن ڪونہ پنتي، سي پروانا حق جا،
چڙهن روز ڦاهي، ڏسون ڇا ٿيئي ٿو.

پويان لڳن ٿا، ڪُتا سامراجي،
رکو تن کي ڊاهي، ڏسون ڇا ٿيئي ٿو.

سمنڊ جي ڪناري، وطن جي مِٽي مان،
چڏيم گهرڙو ٺاهي، ڏسون ڇا ٿيئي ٿو.

مسافر کي پنهنجي، نہ منزل ملي ٿي،
پوءِ پي پيو ڪاهي، ڏسون ڇا ٿيئي ٿو.

”علي“ چاهي جنهن کي، مگر سو علي کي،
چاهي يا نہ چاهي، ڏسون ڇا ٿيئي ٿو.

— — —

ڪنهن ڪي ڪُھڻ ۾ چا رکيو آ،
ويڙھ وڙھڻ ۾ چا رکيو آ.

هم سفر، اڻ ڄاڻ مثل ٿيو،
گڏ هلڻ ۾ چا رکيو آ.

مَر تہ پُڇاڻو، جيءُ تہ جدايون،
مرڻ جيئڻ ۾ چا رکيو آ.

روئڻ رُسوا، ڪل تہ جلي جگ،
روئڻ ڪلڻ ۾ چا رکيو آ.

نقاب منهن تي، رقص آ جاري،
پردي ڪرڻ ۾ چا رکيو آ.

بخش ڪرڻ هو، ڄاڻي ٿو،
معافي وٺڻ ۾ چا رکيو آ.

پري محفل ۾ من اڪيلو،
پوءِ ويهڻ ۾ چا رکيو آ.

"علي عاجز" چندب نہ ملندئي،
تنهن ڪي تڪڻ ۾ چا رکيو آ.

سپنا سهڻا اجڙي ويا،
پيچ وفا جا اکڙي ويا،

چند ويچارو رهيو اڪيلو،
تارا سارا پکڙي ويا.

محبت واري مئيڪدي ۾،
نانگ نشن جا چبنڙي ويا

گل تيڻ ئي، ڪون ڏنائون،
ٽوڙي اڳ ۾ مکڙي ويا.

هڪڙي پل جو، پيار ڏيئي،
منڙا ماڻهو، وچڙي ويا.

ڪنهن پرائي، گاڏي وانگر،
انگ اسان جا، الڙي ويا.

”عاجز علي“ وٺ هاڻ رهيو ڇا،
ساڻ ڪٽي هو، دلڙي ويا.

# گيت

جلندي جلندي، جاڳ او ساٿي،
ڇڏي ننڊ نياڳ، او ساٿي.

گهر تُنهنجي ۾ چور اچي پيا،
پوڪ تُنهنجي ۾ سؤر اچي پيا،
تن کي دوناليون، داڳ او ساٿي.

جيئن جيئن ويندو، وقت گذرندو،
تيئن تيئن تنهنجو، جهُوپو جهُرندو،
لائي تنهن کي، لاڳ او ساٿي.

اِتي ئي جيئندين، اِتي ئي مرندين،
جلاوطن تي، ڪاڏي ويندين،
سنڌڙي تنهنجو، ماڳ او ساٿي.

ديس هي جگر، لخت آ تنهنجو،
”عاجز علي“ سنڌ، تخت آ تنهنجو،
پاءِ مٽي ۾ پاڳ او ساٿي.

— — —

پياري سنڌڙي، تُنهنجي پيارن پاسدارن کي سلام،
جوان جوڌن هيمو دودن، هوشو يارن کي سلام.

جي ڦُريا توڙي جي ڦاٽڪ، ڄامشوري آس پاس،
جي لُٽيا لاڪاڻ وارا، چنگ چوري آس پاس،
تن شهيدن، شاهزادن، شاندارن کي سلام.

تنهنجا سانگي سونهن وارا، سڀ سڀاجها سادڙا،
ڏين سڀ کي جيءَ ۾ جايون، پيار جا پروانڙا،
تن ڳوٺارن جيءَ جيئارن، راڄ وارن کي سلام.

تُنهنجي موسم من موهيندڙ هِت هوائون هير جون،
ساوڪون سُرهاڻيون، آباديون اڪثير جون،
تنهنجي گلشن، تنهنجي باغن ۾ بهارن کي سلام.

تو ۾ ڪينجهر آ ڪارونجهر، خوش ”علي“ آ ڪيرٿر،
ماڳ موهن جو دڙو، مڪلي ٺٽو آ ڪاڪ تڙ،
تن آثارن، يادگارن، جي نظارن کي سلام.

— — —

مُلڪ مولا جا پيا ٻه هزار،
سنڌڙي سڀ کان سهڻي آهي.

سنڌڙي آهي سوني جهرڪي، هيرن سچن جو هار،
سنڌڙي سڀ کان سهڻي آهي.

جيجل خاطر جان ڏينداسون، اِهو آهي اقرار،
سنڌڙي سڀ کان سهڻي آهي.

اِنهي شمع جا پتنگ اسين سڀ، سڙنداسون سئو وار،
سنڌڙي سڀ کان سهڻي آهي.

خون تي ويندا ڪين ڪي بچندا، خوني خبردار،
سنڌڙي سڀ کان سهڻي آهي.

نيت تہ وٺبو هڪ ڏينهن آخر، ويرين کان وهنوار،
سنڌڙي سڀ کان سهڻي آهي.

”علي“ ڪريو سڀ همت هاڻي، ٿيندا ٻيڙا پار،
سنڌڙي سڀ کان سهڻي آهي.

—— —— ——

سنڌڙي آ سينگار اسان جو، سنڌڙي آ سينگار،

مدني مِٽي ڪي هِير وٽي هُئي، هِتي سندي هُبڪار،
سنڌڙي آ سينگار.

دعا پڙهائي، سائين سدائين ڪرين سنڌ سڪار،
سنڌڙي آ سينگار.

گل ڦل گلشن ميوا منڙا، آهن اَن انبار،
سنڌڙي آ سينگار.

هر ڪو ڌاريو هِت اچي ٿو، ڪير ڪٽي پيو بار،
سنڌڙي آ سينگار.

ساٿيو! سنڌ جي سونهن بچايو، اٿو اٿو او يار،
سنڌڙي آ سينگار.

اهو ناهي اِنسان ”علي“، جنهن کي ناهي اَمڙ سان پيار،
سنڌڙي آ سينگار.

___ ___ ___

ڪهڙي ملهايون عيد اسين اڄ، ڪهڙي ملهايون عيد.

موتين جهڙا سهڻا ماڻهو، روز ٿين پيا شهيد،
ڪهڙي ملهايون عيد.

قهر پيا ڪن ڪَربل جهڙا، يارن ساڻ يزيد،
ڪهڙي ملهايون عيد.

خوشيون مِلي ويون خاڪ جي اندر، ڪهڙي ڪريون پوءِ خريد،
ڪهڙي ملهايون عيد.

سچ چون جي ستمگرن کي، تن لئہ جيل جديد،
ڪهڙي ملهايون عيد.

اڃو ڪريون سڀ ڪارا ڪپڙا، ماتم پاڻ مزيد،
ڪهڙي ملهايون عيد.

”عاجز علي“ پوءِ عيد ڪنداسون، ٻَلي سڀ ٻَليد،
ڪهڙي ملهايون عيد.

— — —

پٽ متي مور پولي، پٽ متي مور،
مينهن وٺا موٽ مٺا، ياد اچين روز،
پٽ متي مور.

راند ڪندي دل وڃايم، خبر ڪنهن ڪنئي،
صحيح سڃاتم هاڻي ساجن، تون ئي آهين چور،
پٽ متي مور.

ڪان آهيان اِهڙي جاني، جيئن تو چوي لوڪ،
خوامخواهه ڪن گلائون، ماڻهو گلا خور،
پٽ متي مور.

سيڪو هلي ساٿي ڪنيو، آئون اڪيلي،
ڪنهن سان هلان، ڪنهن سان ملان، جيءَ ۾ آهي جهور،
پٽ متي مور.

تو ئي مون کي درد ڏنو، تون ئي دوا ڪر،
ڪون ٻُڪين سان لهندا سهڻا، هاءِ منهنجا هور،
پٽ متي مور.

سپ ڪو سُتو ننڊ ڪري، ”علي“ ننڊ نه آ،
تون جي هجين هِتي هيڪر، ڪريان ننڊ اگهور.
پٽ متي مور.

———  ———  ———

جوڳڻ آهيان بين وڃايان، هِتي هُتي هر وار،
ڳوليان پنهنجو دلدار.

ڳوٺ ڳوٺ ۾ شهر شهر ۾، هر هر ڦيرا پايان،
سوالڻ بنجي در در تي مان، يار خاطر واجهايان،
ڪُفني پاتم تِلڪ لڳايم، چڏيم سيئي سينگار،
ڳوليان پنهنجو دلدار.

مونکي نچڻ جو شوق نہ آهي، پر تو نيهن نچائي،
پيار جي مرلي پيار منجهان تي، نينهن جا نغما ڳائي،
هٿ ۾ پيالو، ڪن ۾ والو، من ۾ اٿم منتار،
ڳوليان پنهنجو دلدار.

دنيا دولت ڪانہ تي گهرجي، ”علي“ تو گهرجي پيار،
سون چاندي جي ناهي ضرورت، آئون پِنان تي پيار،
ديس ڇڏيو، مون ويس ڇڏيو آ، ڇڏيم سارو سنسار،
ڳوليان پنهنجو دلدار.

———  ———  ———

ڪينجھر ڪرتي آءُ او ساجن، ڪينجھر ڪرتي آءُ.

ڪارونجھر جي جهولي ۾، تون پد ماسرتي آءُ
ڪينجھر ڪرتي آءُ.

سير ڪريون ڪو سنڌو درياءَ جو، چولين چرتي آءُ
ڪينجھر ڪرتي آءُ.

ڦُرين واروڪُن ڪُلاچي، ٺٽي ننگر تي آءُ
ڪينجھر ڪرتي آءُ.

ڪاچي پاسي ڪڪرن ڪارون، ٿڌڙي ٿَر تي آءُ
ڪينجھر ڪرتي آءُ.

گڏجي ڏسون گاجي سائين، من منڇر تي آءُ
ڪينجھر ڪرتي آءُ.

پيچ پٿائي مُلڪ مٿائي، قلندر در تي آءُ
ڪينجھر ڪرتي آءُ.

”علي عاجز“ هُن پار وسين ٿو، اوريئين پر تي آءُ.
ڪينجھر ڪرتي آءُ.

---

اچو وڌايون پيار او ساٿي، اچو وڌايون پيار.

محبت جي هڪ بيڙي ناهي، پاڻ هلون هُن پار،
اچو وڌايون پيار.

نفرتون سڀ ناس ڪنداسون، اِهو ڪريون اقرار،
اچو وڌايون پيار.

هو يي ماڻهو هي يي ماڻهو، ڇو آ مارو مار،
اچو وڌايون پيار.

شاهہ جي شاعري حق حقيقت، پڙهي پرايون پيار.
اچو وڌايون پيار.

”علي“ آئيندي رهبو امن سان، وچان وجهون تا گار،
اچو وڌايون پيار.

---

هل مسافر هل تکو تون، هل مسافر هل.

دير ڪرڻ جي ناهي گنجائش، وڃاءِ نہ هڪڙي پل،
تون هل مسافر هل.

راهہ رڻ ڪئين راڪاس اٿئي، خنجر هٿ ۾ جهل.
تون هل مسافر هل.

پيون آهن بارودي سرنگهون، تن جي رکجان ڪل،
تون هل مسافر هل.

ويساهہ نہ ڪنهن تي واٽ ۾ رکجان، لاهي ڇڏيندئي ڪل.
تون هل مسافر هل.

”علي“ عاجز آ ملندو بلڪل، محنت وارو ڦل،
تون هل مسافر هل.

— — —

# نظم

دنيا دل جي توکي، رهين شاد سنڌڙي،
هجين هر طرح سان، تون آباد سنڌڙي،
قائم تا قيامت، زنده باد سنڌڙي،
هميشه اسان کي، هجين ياد سنڌڙي،
ڏسون موج مستي سان، مهراڻ جاري،
سلامت رهين شال، سنڌڙي سونهاري.

تون جيجل اسان جي، تون جنت اسان جي،
تون عزت اسان جي، تون شهرت اسان جي،
تون دولت اسان جي، تون فرحت اسان جي،
تون محبت اسان جي، تون غيرت اسان جي،
جسم جان کان وڌ، لڳين تي پياري،
سلامت رهين شال، سنڌڙي سونهاري.

سنڌي تُنهنجا سُهڻا، سباجها سباجها،
جفا کون ڇاڻن، سي پُتلا وفا جا،
ساڃهه، وند سورهيه، مُجسما حيا جا،
وڏي ڏک رکن ٿا، پنهنجي روح جا راجا،
آڌار کن آيل جي، نيائن ٿا ياري،
سلامت رهين شال، سنڌڙي سونهاري.

لکين جام ڏاتار ڪامل قلندر،
سچل سائين تنهنجو، پٿائي آ بهتر،
تون صوفين شهيدن، شاعرن جو دفتر،
هي ڪيٽي ڪارونجهر، ننگرپارڪر،
هي منڇر هي ڪينجهر هي مڪلي موچاري،
سلامت رهين شال، سنڌڙي سونهاري.

سسئي ۽ پنهون جا، هِتي داستان،
ڪڏهن سهڻي ميهر، سندا هئا زمان،
راڻي جا رُساما ۽، مومل جا جان،
عمر مارئي پيا، ڦُلاڻي فسان،
موهيو نينهن نوري، جي ڪنئي جام چاري،
سلامت رهين شال، سنڌڙي سونهاري.

جبل تنهنجا جوهر، جهنگل هر وٽي تو،
صدين کان سنڌو پي، پيو چوليون هٽي تو،
رکي سيمون سايون ۽ خُشڪيون ڪٽي تو،
ڪَتي چيٽ سب ڪو، فصل سنگ لُٽي تو،
وسي ٿر ته ويتر، پٽن تي بهاري،
سلامت رهين شال، سنڌڙي سونهاري.

اچا آني جهڙا، چوڪا تنهنجا چانور،
مکڻ کير ميوا، ڊنئورا گيهه دلبر،
مٺا انب سنڌڙي، ماکي جي برابر،

پليون واهہ ياچيون، سونهن سَرَ سراسر،
جيئن تُنهنجا جوڏا، جيئن تنهنجا هاري،
سلامت رهين شال، سنڌڙي سونهاري.

ڪُوٽيون ڪُم ڪَرُولا، پورانيون ٽيون پهڪن،
پبڻَ پَن پَواڙيون، ڪنول پؤنر پُٽڪن،
مَڇيون ماٽڪن جيئن، پيون جَر ۾ جرڪن،
پرھ مهل منڙيون، پوڪارون پکين،
صبح جي هوا، صاف سُرهاڻ واري،
سلامت رهين شال، سنڌڙي سونهاري.

ڇَتون مور ڇيها، هَنجن جون هونگارون،
ڪوئل ڪُوڪو ترن، تاڙن جون تنوارون،
هرڻ روجهہ ڦاڙها، ڪونجن جون قطارون،
ڳيرا ڪانءَ ڪبوتر، ڇڙن جون چونگارون،
تون ياڳين جي بستي، يلي يُونءَ يلاري.
سلامت رهين شال، سنڌڙي سونهاري.

ڪٿا ڪيس ڪاڏيون، اجرڪون ۽ اوڇڻ،
سنڌي ٽوپيون سُهٽيون، يلا يرت بوڇڻ،
ڳلن جهڙيون ڳربيون، ٻيا پهڪن ٿا ٻانڏڻ،
رَليون رنگ برنگي، لويون لالا لاڪڻ،
ڇٽن ساڻ ڇُنيون، حيرت وند هالاري،

سلامت رهين شال، سنڌڙي سونهاري.

دِلا مَٿ دانگيون، دڪيون چا چوان،
ڪهڙي ڳالهه ڪوندن، ڪاشين جي ڪيان،
تَباقن تَسين جا، نمونا نوان،
ڪٽولا هندورا، پلنگ چا پسان،
عجب جهڙي تنهنجي، ثقافت آ ساري،
سلامت رهين شال، سنڌڙي سونهاري.

رنگي رَت پنهنجي سان، ڪبو ڪُنوار توکي،
ڏينداسون پنهنجي ساهہ جو، سينگار توکي،
ڪبو گلدستي جيئن، گلزار توکي،
لڳائي چڏينداسون، چند چار توکي،
"علي" آ وچن، توسان ايمانداري،
سلامت رهين شال، سنڌڙي سونهاري.

# سنڌڙيءَ ڪان سوال

ويهي سنڌڙي مونسان، تي حالي احوالي،
ڏسان تو پيو هِت، عجائب ڪئين عالي،
ڪروڙين ڪرشمہ قدرتون ڪمالي،
حقيقت ڪان هوندينءَ نہ هرگز تون خالي،
ويهي سنڌڙي مون سان تي حالي احوالي.

سُڻاءِ تہ سنيرين، دائم دَور ڪهڙا،
هئا شاهہ گدا تو ۾، شهزور ڪهڙا،
ڏنئي مرد مانجهي، مٽيان مور ڪهڙا،
ويا وِير توڪان، گهٽا تخت والي،
ويهي سنڌڙي مون سان، تي حال احوالي.

ڪڏهن ڪان بِڏاءِ، تون آباد آهين،
ڏُکي تي گذرين، يا دلشاد آهين،
آهين ماءُ سڀ جي، نہ اولاد آهين،
نپايا تو هوندا، ڪئين مومن موالي،
ويهي سنڌڙي مون سان، تي حال احوالي.

عجب رنگ هتي ڪئين، پيا آثار ڏسجن،
پِهرو ڪن جا پڊرا، پيا پار ڏسجن،
لِڪين پڊ پراڻا، ڊڙا ڏار ڏسجن،
آهي تنهنجي تاريخ، سڀ ڪان نرالي،
ويهي سنڌڙي مون سان، ٿي حالي احوالي.

— — —

# جواب سنڌڙيءَ جو

ٻُڌي چا ڪندين سُڌ، مون ڪان سور واري،
جا گذري سا گذري، سا سڀ ڪنهن وساري،
اوندهه ناڪ آهي، صورتحال ساري،
ٻُڌين تو تہ اڄ ٻُڌ، ڪولي ڪن ڪاپار،
پڇين ها نہ هاءِ پراڻي پچار.

اڃان ڪون آدم، هو صورت ۾ آيو،
حَوا هئي نہ، هابيل قابيل ڄايو،
مون کي باري تعالىٰ، اڳي هو بڻايو،
آهي وڏ ڪروڙن، ڪان منهنجي ڄمار،
پڇين ها نہ هاءِ پراڻي پچار.

منجهاران نبي نوح، جي اولاد دِلبند،
هُيو نالي هِند هڪ، ۽ ٻي جو اسم سنڌ،
رهيو سنڌ هِتي ۽، رهيو هند وڃي هِند،
آئون سنڌ پئي سڏجان، اسم ان آڌار،
پڇين ها نہ هاءِ پراڻي پچار.

لڪين سڄ لٿا مون تي، اپريا بہ لڪ،

زمانا مٿان منهنجي، گذريا بي لک،
لڪين ياد آهن، ۽ وسريا بي لک،
نڪا حد حقيقت، نہ ليکو شمار،
پچين ها نہ هاءِ پرائي پچار.

زبردست گذريا، مون تي زلزلا ڪئين،
ڏکر پي ڏٺا مون، سُکر سلسلا ڪئين،
جنگون حال جهيڙا، ويڙهون وِلولا ڪئين،
ڪروڙين ڪُلفتون، الفتون اَپار،
پچين ها نہ هاءِ پرائي پچار.

سليمان سڪندر، بيا سلطان ڪئين،
دارا جهڙا ڏَوپار، دُوران ڪئين،
زبردست ظالم، مهربان ڪئين،
مختصر حقيقت، ڪريان آشڪار،
پچين ها نہ هاءِ پرائي پچار.

ڪاهي ڪاهہ، وڏي سان، مون تي عرب آيا،
منهنجي ڪاڻ وڙهندي، سيئي گهوٽ گهايا،
بِگل نيت عربن، فتح جا وڄايا،
ڪري قيد ناريون، هليا ويا هوشيار،
پچين ها نہ هاءِ پرائي پچار.

مغل تُرڪ ارغون، ترخان پي هئا،

سمان سومرا چامۘ سلطان پيي هئاۘ
دريا خان دوديۘ جهڙا جوان پيي هئاۘ
فوجن سان فنا ٿياۘ سپاهي سالارۘ
پچين ها نہ هاءِ پرائي پچار.

ويهي غور ڪر تونۘ ڪي غَوري ٻہ هُئڙاۘ
سونارا سوين جوانۘ جوهري ٻہ هُئڙاۘ
ڪاريگر ڪُنير موچيۘ ڪوري ٻہ هُئڙاۘ
ڪتي خان واداۘ چوڙيگر لوهارۘ
پچين ها نہ هاءِ پرائي پچار.

گهڻا لال هئاۘ پر لڏي ويا ڇڏي وياۘ
غمن منجهہ مون ڪيۘ گڏي ويا ڇڏي وياۘ
هِتي جوان جايونۘ اڏي ويا ڇڏي وياۘ
ساريو تن جي صحبتۘ روئان زار زارۘ
پچين ها نہ هاءِ پرائي پچار.

اکوڻن جا اهڃاڻۘ رک تون نظر ۾ۘ
وڳهہ ڪوٽ ويرانۘ ڪاري ڪلر ۾ۘ
ڪري ڪوٽ تبديلۘ آهي ڪندر ۾ۘ
دفن منهنجي سيني ۾ دفتر هزارۘ
پچين ها نہ هاءِ پرائي پچار.

ناهي رُوپ روپاههۘ ماڙي سندو ڪوۘ

ٿيا چَٽ رهيو چِٽ، نہ چاڙهي سندو ڪو،
پَتو ڪونهي ڪنهن ڪي، پچاڙي سندو ڪو،
چڱو حال ڪنهن جو، ڪنهن جو حال زار،
پچين ها نہ هاءِ، پراڻي پچار.

عجب آهي اَچراند، پرين جي جاءِ،
سَتا سور سيفل، بديعل جي لاءِ،
اچا سُرنگ موجود، شاهد آ واءِ،
ڪدڻ ڪان اوير ڪُند، مِڙئي ميل چار،
پچين ها نہ هاءِ، پراڻي پچار.

فتح باغ جو ڪنهن، زماني ۾ يَل هو،
عقل جو اڪابر، جتي بِيربل هو،
عقل ۾ نہ مَٽ ان سان ڪوئي مرد مَل هو،
وتايو بہ هو هِت، هو گامو سچار،
پچين ها نہ هاءِ، پراڻي پچار.

زبردست زورا، ڪئين ظالم ڏٺا مون،
ڪئين عادل، ڪئين عابد، ڪئين عالم ڏٺا مون،
بهادر ڪئين بيباڪ، بالم ڏٺا مون،
ڪئين عاشق ۽ معشوق، حسن وند هزار،
پچين ها نہ هاءِ، پراڻي پچار.

منهنجي راڄ ۾ هئا، لکين راڄ راڻا،

محبوبن جون مرڪون ۽ مومل جا ماڻا،
ڪئين سسئيون ڪئين سهڻيون، مان ڇاڻان سچاڻا،
هئا ڪيچ ۾ ڪم، پنيورين بهار،
پچين ها نہ هاءِ پراٽي پچار.

ڪينجهر جي ڪَنڌين تي، تہ ڪينجهر هئا ڪي،
نوري نينهن تماچي، نشانبر هئا ڪي،
مڇي مار ملاح، ڪئين ماهر هئا ڪي،
نہ وانگي رهيو ڪو، ويا ڪل وينجهار،
پچين ها نہ هاءِ پراٽي پچار.

گرهوڙي يتائي، يلارا يلارا،
قلندر قطب ڪئين، قرارا قرارا،
سَمن جهڙا صوفي، سونهارا سونهارا،
وجي سيني ورتو، قبن ۾ قرار،
پچين ها نہ هاءِ پراٽي پچار.

مِيرو، ڦل ماڇي، گلو گورنر هو،
ڏاڙيوال، دائم هنگورو، ڪو حُر هو،
جنهن جو چرچو هر جاءِ، گهر گهراندر هو،
هِتي مورڙو هو، هِتي مڇ مڪار،
پچين ها نہ هاءِ پراٽي پچار.

گهٽان رئيس راڻا، سي راجا رمي ويا،

سدا پيٽ منهنجي ۾ سورهيه سُمهي ويا،
مٿان تن جي اڄ، تَهه تَهن تي ڄمي ويا.
سُٽي ڪون تن جي، ڪائي تند تنوار،
پڇين ها نه هاءِ پراڻي پچار.

ناحق ساڻ نادر، مدد پيي مَتيو آ،
جگر چاڪ ڏس منهنجو، فرنگين ڦٽيو آ،
هميشه مونکي، غير قومن لُٽيو آ،
واري ورق تاريخ جا، تون نهار،
پڇين ها نه هاءِ پراڻي پچار.

سُتا منهنجا ساٿي، سي غفلت جي ننڊ ۾
پسند عيش آين، لڳا ڦُوڪ چنڊ ۾
نه محسوس ڪن ٿا، لڪل زهر ڪنڊ ۾
کُهايائون هٿ سان، ڪئين ڪنڌر ڪُمار،
پڇين ها نه هاءِ پراڻي پچار.

نڪو منهنجو وارث، نه واهر وري ٿو،
ڏکن ۾ پيو هانءُ، منهنجو ڏري ٿو،
نڌڻڪي سندو نياءُ، نه ڪوئي ڪري ٿو،
اڄي جيڪو ڪائي، مونکي خونخوار،
پڇين ها نه هاءِ پراڻي پچار.

اميدون اٿم شل، سُڌرندا سنڌيئڙا،

ويرن ڪان ٻه وهنوارِ وٿندا سنڌيئڙا،
مرڻ ڪان ”علي“ ڪونہ مُڙندا سنڌيئڙا،
ڏيندا جان مون تيءِ نہ سهندا ميارِ
پڇين ها نہ هاءِ پراڻي پچارِ

— — —

# غريبن جي زندگي

افسوس جهڙي آهي، غريبن جي زندگي،
زماني ۾ آهي زار، ضعيفن جي زندگي،
ناحق ۾ نسوري، نحيفن جي زندگي،
حقيقت ۾ هميشہ، عذابن جي زندگي،
افسوس جهڙي آهي، غريبن جي زندگي.

هيٺن جا هتي مان، هيٺا حال ڏسان تو،
پورهين جي پيڙيل سي، پائمال ڏسان تو،
جيئڻ ۾ سندن جڳ ۾ جنجال ڏسان تو،
سراسر آهي سخت، سقيمن جي زندگي،
افسوس جهڙي آهي، غريبن جي زندگي.

محتاج گذارين، مجبور سدائين،
ساعت نہ اٿن سک، مگر سور سدائين،
ڪيڏا نہ ڪنگالن سان ڪلور سدائين،
هَيهات هَيهات، هيٺن جي زندگي،
افسوس جهڙي آهي، غريبن زندگي.

ناسور بڻيو آهي، سماج اُنهن لئہ،
محروم علم ڪان، نہ علاج اُنهن لئہ،

دنيا ۾ فقط آهي، رهي حاج انهن لئہ،

محنت ۽ مشقت، مزدورن جي زندگي،
افسوس جهڙي آهي، غريبن جي زندگي.

حاصل نہ اتن ڪوئي، ڪڏهن سِير اَتي جو،
ميسر نہ ماني، ۽ لاچار لَتي جو،
پڇي ڪونہ اُن ڪي، بي گهر ٿو ڪتي جو،
ڪتجي ٿي ڪٿڻ ڏادي، قربين جي زندگي،
افسوس جهڙي آهي، غريبن جي زندگي.

نہ عيش نہ آرام، نڪا عيد اُنهن لئہ،
نہ ڪاڏو نہ خوراڪ، نہ خريد اُنهن لئہ،
فاقو ۽ فڪر آهي، شديد اُنهن لئہ،
آزار بڻي يارو! يتيمن جي زندگي،
افسوس جهڙي آهي، غريبن جي زندگي.

هر دور دنيا جي، ۾ مسڪين لُٽيو آ،
گلو غير شعورن، غريبن جو گهٽيو آ،
صبح شام تن ڪي، سرمائيدار سَٽيو آ،
شريرن ماري آهي، شريفن جي زندگي،
افسوس جهڙي آهي، غريبن جي زندگي.

مسڪين مري تہ ڪو، ڪانڌي نہ ٿيندس ڪو،

ڪفن تہ ڪٽي چڙهہ غسل نہ ڏيندس ڪو،
جنازي کي ڪلهو ڏيئي، دفن نہ ڪندس ڪو،

اهڙي آهي اصل کان غريبن جي زندگي،
افسوس جهڙي آهي، غريبن جي زندگي.

رکي رنج جڏهن پيو، پہ راجا رُسن ٿا،
تہ تڪرار انهي تان بہ، ڪنگال ڪُسن ٿا،
وڙهن وڏا مگر وچ ۾، مسڪين مُسن ٿا،
ماٽيو شير وڃن ٿا، شهيدن جي زندگي،
افسوس جهڙي آهي، غريبن جي زندگي.

شاهوڪار سندن دم، سان آڪڙجي هلن ٿا،
پُلاءَ روز انهن لاءِ، پڪوان پچن ٿا،
هٽيو پيٽ ۾ حرام، چاڙهيو ماس پچن ٿا،
وڏي ٺَٺ سان گذري، ٿي وڏيرن جي زندگي،
افسوس جهڙي آهي، غريبن جي زندگي.

سدا آهي ڦٿايو، آرام غريبن،
رکيو آهي زنده بہ اسلام غريبن،
آهي ياد خدا پيو، صبح شام غريبن،
مسڪين سان موجود، مَسيتن جي زندگي،
افسوس جهڙي آهي، غريبن جي زندگي.

انهن جي ئي وسيلي، هلي پيئي حڪومت،
انهن جي ئي وسيلي، دنيا ۾ آ دولت،
انهن جي ئي وسيلي، سڄو زيب زينت،

انهن جي ئي وسيلي، حَسينن جي زندگي،
افسوس جهڙي آهي، غريبن جي زندگي.

انهن جي ئي دم سان، سارو چرخو چلي ٿو،
انهن جي ئي دم سان، شاهوڪار ڪلي ٿو،
انهن ئي جي دم سان، ته اناج ملي ٿو،
انهن جي ئي دم سان، زمينن جي زندگي،
افسوس جهڙي آهي، غريبن جي زندگي.

انهن جي ته بدولت، هلن ڪارخانا پيا،
انهن جي ته بدولت، شُغل شادمانا پيا،
انهن جي ته بدولت، آهن آشيانا پيا،
انهن جي بدولت، آ گلشن جي زندگي،
افسوس جهڙي آهي، غريبن جي زندگي.

انهن جي ته بدولت، ليڊر ووٽ وٺن ٿا،
انهن جي ته بدولت، ميمبر چوندجن ٿا،
انهن جي ته بدولت، متي ڪُرسي ويهن ٿا،
انهن جي ته بدولت، وزيرن جي زندگي،
افسوس جهڙي آهي، غريبن جي زندگي.

دعويٰ سان لڪان ٿو، غريب نہ هجن گر،
تہ دفتر ئي دنيا جا، رهن بند بربر،
جيئڻ بہ هجي مشڪل، سُجاڻ سپ سُر،

رکو ياد انهن سان، آ سين جي زندگي،
افسوس جهڙي آهي، غريبن جي زندگي.

آخر رنگ لائيندو، پورهيت جو هي پَسينو،
آخر پار ٿيندو نيٺ، سقيمن جو هي سفينو،
ٿيندي خوب انهن جي لاءِ، خوشي جو بہ خزينو،
ٿيندي تہ آخر جوان، صغيرن جي زندگي،
افسوس جهڙي آهي، غريبن جي زندگي.

متان دل کي لوڏيو، اي مزدور دنيا جا،
ٿيندا نيٺ نابود، ناسور دنيا جا،
غم درد ٿيندا اهي دور سپ دنيا جا،
موٽي ايندي اوهان لئہ، بہ موجن جي زندگي،
افسوس جهڙي آهي غريبن جي زندگي.

انهي حال ۾ هرگز، سدائين نہ هونداسون،
اهڙو وقت بہ ايندو، جو عاجز نہ رهنداسون،
لُٽيرن بہ پنهنجن سان، احتساب ڪنداسون،
هٽي هيٺ ڪنداسين، نوابن جي زندگي،

افسوس جهڙي آهي، غريبن جي زندگي.

سُکيو رک سدائين، ڪنگالن کي خدايا،
زَر مال عطا ڪر، انهن کي خدايا،
گلزار بناءِ تون، غريبن کي خدايا،

مجي عرض ”علي“ جو ڪر، عيدن جي زندگي،
افسوس جهڙي آهي، غريبن جي زندگي.

— — —

# اڄ ڏسي وٺ

ٻڄي ساٿي، سچا سڄڻ،
وري آيا اٿئي، ووٽ وٺڻ.

ڳالهيون اڱوٺيون ڪُل، وساري،
پنهنجي اندر جو، ضمير ماري،
آسن جا اڄ، ڏيئا ٻاري،
اچيو ٿا نڪرن، آڌي ڌاري،
ڪون ڏين ٿا، سُک سمهڻ،
وري آيا اٿئي، ووٽ وٺڻ.

ٿولين پويان، آهن ٿوليون،
ٻُڌ ويهي تون، تن جون ٻوليون،
ننگ جو ڳالهيون، آليون پوليون،
وچن واعدا، منٿيون لوليون،
چوندا اوهان سان، جيئڻ مرڻ،
وري آيا اٿئي، ووٽ وٺڻ.

ڏاڍا ياڪر، پائي ملن پيا،
هٿ چمن پيا، هٿ ٻڌن پيا،
فاتحائون پيي، هاڻي ڪن پيا،
واڳون وارا، لُڙڪ وهائن پيا،

ڍونگ اٿئي، سپ يار ڍولڻ،
وري آيا ٿئي، ووٽ وٺڻ.

اڄ ڏسي وٺ، اٿئي جي ڏسڻا،
صُبحاڪي، هي ويندا لِڪڻا،
هينئر آهن هي، کُل مُک کلڻا،
دير نہ ڪندا، ڦريندي ڦِرڻا،
اصل انهن جا، اِهڙا لَڇڻ،
وري آيا اٿئي، ووٽ وٺڻ.

ووٽ وٺي پوء، وڙهڻ پيا ايندا،
ڪم جو چوندين، جهٽڪون ڏيندا،
ڏکن سورن جي، ڳالهہ نہ سُڻندا،
ساڳيا اُهيئي، ٻيا تي پوندا،
متجي ويندن، اٽڻ ويهڻ،
وري آيا اٿئي، ووٽ وٺڻ.

سندن تڏي تي، هينئر جي ويندين،
ڏاڍي عزت، مان جهليندين،
چا ڪائيندين، چا تون پيئندين،
ميوا مٺايون، مال مکڻ،
وري آيا اٿئي، ووٽ وٺڻ.

اڳ ٻه انهن کي، ووٽ ڏناسون،
ڪوشش ڪري ڪرسي چاڙهياسون،
پوءِ ڪهڙا، موڙ ڀڏاسون،
ٽيا نه ڪانڌي، جن لئه مئاسون،
وري آيا اٿئي، ووٽ وٺڻ.

پيٽ پرڻ جي، سڀ کي باهي،
ووٽ جو لائق، ڪوئي ناهي،
هر ڪو "علي" هِت لاهي پاهي،
پنهنجو پنهنجو، گهر ٿو ٺاهي،
منهنجو ڪم آ، سچ چوڻ،
وري آيا اٿئي، ووٽ وٺڻ.

— — —

# گبر بلائون

هي ديس آ، دنيا دارن جو،
هي سمنڊ اٿئي، سيسارن جو.

هن ۾ واڳون، چرڪا ڏسندين،
گبر بلائون، گهرڪا ڏسندين،
مانگرمڇن جا، جَرڪا ڏسندين،
ڪاڏائون ماس، هزارن جو
هي سمنڊ اٿئي، سيسارن جو.

روز ٽين تا، ڪِيس هزارين،
ڪَٽجن ٽا پياء، سيس هزارين،
جوڙ جدا ٿياء، جِيس هزارين،
هِسيا آهن، هِيس هزارين،
وَس نہ هلي ويچارن جو،
هي سمنڊ اٿئي، سيسارن جو.

حقدارن ڪان، حق ٿو کسجي،
پورهيت جَنڊ ۾ پيو ٿو پِسجي،
جو بہ ڪُڇي ٿو، سو ٿو ڏِسجي،
ڏاڙا اغواء چا چا ڏسجي،

نظام آهي، سردارن جو،
هي سمنڊ اٿئي، سيسارن جو.

مسڪينن تي، آهي مارو،
ڪونہ چلي ٿو، تن جو چارو،
سخت غريبن سندو گذارو،
رب واري شل، تن جو وارو،
خير هُجي منھنجي مارُن جو،
هي سمنڊ اٿئي، سيسارن جو.

پئسي جو، پرچار هلي ٿو،
چاندي جو، چمڪار هلي ٿو،
صورت هار، سينگار هلي ٿو،
وڏو هِتي، واپار هلي ٿو،
پائل جي، جھنڪارن جو،
هي سمنڊ اٿئي، سيسارن جو.

هِتي شرافت مار کائي ٿي،
سچ جي بازي، هار کائي ٿي،
اَنا جي آفت، پيار کائي ٿي،
پؤ نہ لاهج، بدڪارن جو،
هي سمنڊ اٿئي، سيسارن جو.

آب عزت سان، رهڻ نہ ڏيندئي،

ڏائڻ ماڻهو، هلڻ نہ ڏيندئي،
ڪائڻ نہ ڏيندئي، پيئڻ نہ ڏيندئي،
حسد وڏو آ، هچارن جو،
هي سمنڊ اٿئي سيسارن جو.

طمع سواءِ سنگت ناهي ڪائي،
عزت وارن جي، عزت نہ ڪائي،
ڪوڙن لاءِ، قلت نہ ڪائي،
پيش انهن ڪي، دقت نہ ڪائي،
قدر آهي، بيڪارن جو،
هي سمنڊ اٿئي، سيسارن جو.

ظالم جابر هڪڙو ڪونهي،
ڪارو ڪافر هڪڙو ڪونهي،
جڳ ۾ جعفر، هڪڙو ڪونهي،
گوڙ گهڻو آ، غدارن جو،
هي سمنڊ اٿئي، سيسارن جو.

چَپي چَپي تي، پيار جا ويري،
دشمن ڪئين، ديدار جا ويري،
شهر امن، بازار جا ويري،

مُڪڙي گل، مهڪار جا ويري،
قاتل هرڪو، بهارن جو ويري،
هي سمنڊ اٿئي، سيسارن جو.

ويري ”علي“ سڀ واري واري،
مفت خورن کي، ماري ماري،
ڏاڍ جا ڏونگر، ڏاري ڏاري،
وٺنداسون حق، ساري ساري،
قسم سنڌو جي، ڪنارن جو،
هي سمنڊ اٿئي، سيسارن جو.

— — —

# لاڙجي اجرڪ

واهه لاڪيٽي، لاڙ اسانجي،
اوٺ اَجھو ۽ آڙ اسانجي،
ڏار اسين هي، پاڙ اسانجي،
واهه لاڪيٽي لاڙ اسانجي.

ڳڻ سندس پيا، هر هر ڳايون،
نِنڊڙا تي هِت، نپنا آهيون،
ماءُ ڪري ٿا، هِن کي پائيون،
جيجل ساڻ نہ، جاڙ اسانجي،
واهه لاڪيٽي، لاڙ اسانجي.

حق جا هر دم، پنڌ پچون ٿا،
لالچ خاطر، ڪونہ لچون ٿا،
ڏکن سکن ۾، ڪجھ نہ ڪُڇون ٿا،
ڪنهن ٻُڌي ڪا، راڙ اسانجي،
واهه لاڪيٽي، لاڙ اسانجي.

لاڙي ماڻهو، منڙا منڙا،
سادا سودا، سُنڙا سُنڙا،
قرب جا آهيون، ڪُنڙا ڪُنڙا،
منڙي ڳالهہ، مهاڙ اسانجي،

واھ لاڪيٽي لاڙ اسانجي.

لاڙ ۾ آهي، پلا نہ چا چا،
سڀ ڪجھ بخشيو، پاڻ خدا آ،
مڇي پڪي، ٻيا چانور چوڪا،
مولیٰ ڪئي آ، ماڙ اسانجي،
واھ لاڪيٽي، لاڙ اسانجي.

لاڙ ۾ سير، پڪار سُنهري،
ڇُبتي، ڪينجھر، چوھ آ ڇهري،
ڇڇ نريڙي، ڪاجھر ڪُهري،
جاجھ ۾ آهي، جڳاڙ اسانجي،
واھ لاڪيٽي، لاڙ اسانجي.

لُهڙ لچڻ، ڏس ڏنيري ڏاهي،
سهٽي سينگاري، ڳالھ سوائي،
سَٽيا سِريا، ڪڳا ڪارائي،
مُندڙي پي آ، مواڙ اسانجي،
واھ لاڪيٽي، لاڙ اسانجي.

ڪُرڙا، تيرا، تِلن توليون،
ڳِرمِٽ ڳانگٽ، ڳندڻ ڳوليون،
مور موراڪا، جهينگن جهوليون،
ڇِلر ۾، چينگهاڙ اسانجي،

واهه لاڪيٽي، لاڙ اسانجي.

ٻُوهڻ چرڪا، ٻَلي ٻَلي،
چِڏ پچارون، پوپريءَ پَلي،
دشمن جي دل، جلي جلي،
سيني ۾ تيس، ساڙ اسانجي،
واهه لاڪيٽي لاڙ اسانجي.

خوشبو اُن جي، وستي واسي،
سدا گلاب، ۽ ٻيا سُڳداسي،
ڪور واهي جي، جنس بہ خاصي،
ڪنگٽي آهي، ڪراڙ اسانجي،
واهه لاڪيٽي، لاڙ اسانجي.

ڪيچ ڪُمن جا، ڪوٽيون ڪاني،
ٻِهه پيڙ، ٻي ڏار پوراني،
لَوڙهي لاڙ جي، خاص نشاني،
پَن پٻڻ، ۽ پَواڙ اسانجي،
واهه لاڪيٽي، لاڙ اسانجي.

ڏس غريبي، جهوپا جايون،
گهر ڪڪاوان، بنگلا پائيون،
ڏِير پَراڙ سان، چنڙا ٿاهيون،

ناهي نڪمي، ناڙ اسانجي،
واهه لاڪيٽي، لاڙ اسانجي.

پَس پکين جا، هاڻ پَسارا،
هَنج ۽ هَنجرون، نِيرنگي نيارا،
ٽيٽيا ٽُپٽا، ڪانيئرا، ڪارا،
ڪونجن جي ڪدي، تاڙ اسانجي،
واهه لاڪيٽي، لاڙ اسانجي.

تلُور تَلوُريون، پيڻ پيهوڙيون،
تاڪ، توراندا، ٻاٽيڙا، ٻوڙيون،
ڪُهنگ، ڊِگوش، چيڪلا آڙيون،
وَلر گهمن ٿا، واڙ اسانجي،
واهه لاڪيٽي، لاڙ اسانجي.

هَر پانجاريون، لَسيون گهاٽيون،
ڪم ڪوڏر جو ڪاٽيون،
ڏيهه پسند، لاڙ جون ڏاٽيون،
تيز ڪُهاڙي، تَراڙ اسانجي،
واهه لاڪيٽي، لاڙ اسانجي.

لاڙ جي اجرڪ، سنڌ جي زينت،
سڄي ملڪ ۾، رکي ٿي شهرت،

اها آهي هڪ، مجيل حقيقت،
هرگز ناهي، ڏاڙ اسانجي،
واهه لاڪيٽي لاڙ اسانجي.

لاڙ ۾ ڪئين رنگ، مولا چاڙٽي،
”عاجز علي“ ڪي، چور نہ هاٽي،
ڇڏ ڪٽي چيڙ چاڙ اسانجي،
ڏار اسين هي پاڙ اسانجي،
واهه لاڪيٽي لاڙ اسانجي.

— — —

# قرب جون ڪوٺون

اِجهو ڪاڇن جا ڏينهن اچي ويا،
فصل آباديون، اَن لهي ويا،
رشتا هڪ ٻي سان ٺهي ويا،
گهوٽن جا ٽيءِ وات ڪنڌي ويا،
هَٽن هَر هَر، مُچ تي هٿ،
مُلڪ ساري ۾ آهن پت.

شادين چڙيو آ ڏاڍو تپائي،
دعوتن پويان، دعوت آهي،
جنهن جي گهر ۾ اٽو به ناهي،
سو پڻ ويٺو، ڪارڊ ڇپائي،
ڏسو دنيا جيءَ اونڌي مَت،
ملڪ ساري ۾ آهن پت.

قرب جون ڪوٺون، ٻول نہ پاڙو،
ڪونہ چڙيندا، جوان ڪُراڙو،
شهر ٻهراڙي، اوڙو پاڙو،
خالي ناهي، ڪوئي ڏهاڙو،
اڄ بہ ڏيئي ويا، آهن دعوت،
ملڪ ساري ۾ آهن پت.

ڪنهن جو پرٽو، ڪنهن جو مرٽو،
ڪنهن ٻه ٻهاني، ڪاچ ٽيو ڪرٽو،
دعوت وارن جو، لڳو ڏرٽو،
مڙيئي ماڻهن ڪان، ڪجهه ٽيو ڦُرٽو،
اهڙي انهن جي، آهي نيت،
ملڪ ساري ۾، آهن پت.

گهٽان ماڻهو اڄ، انهي ڏندي ۾،
ڪڏهن بديٽي، ڪڏهن ٽندي ۾،
ڪڏهن ڪلوئي، ڪڏهن نندي ۾،
هر هنڌ آهي، اِها حالت،
ملڪ ساري ۾، آهن پت.

ڪڏهن سينگالو، ڪڏهن سينگاري،
ڪڏڻ سِيراٽي، ڪڏهن لُنواري،
وِهان وَهٽايون، ڪڏهن وَلهاري،
غرض تہ ڪانهي، ڪائي گهاري،
ڏُهل وڄن پيا، هَر سمت،
ملڪ ساري ۾، آهن پت.

خرچ ڪري، فنڪار آڻيندا،
سوين هزارين روپيہ، پيا ٻہ لُٽيندا،

پنجاهہ روپيہ ڪن، نڪاح تي ڏيندا،
سو پي ڇَني، ۾ بيٺا ڳائيندا،

ڏوئي رکندا، مُلان جي پِٽ،
ملڪ ساري ۾، آهن پٽ.

پٽ ڪارائيندا، سپ کي بيهاري،
ٻڪرين وانگي، اندر واڙي،
اَيرن کي هڪ، پاسي ٿاري،
سيرن کي ڏيندا، ساري ساري،
پئسي وارن جي، ڪندا پورت،
ملڪ ساري ۾، آهن پٽ.

ڏيهہ، سڄي کي، دعوت ڏيندا،
قرض کڻي پِي، پوري ڪندا،
پوءِ پهچي، ڪين ڪي سگهندا،
ڳِلا ٻہ هلندي، خوار ٻہ ٿيندا،
پوءِ تہ ويٺا، روئندا رت،
ملڪ ساري ۾، آهن پٽ.

هر ڪو ڪائي، هليو ويندو،
”عاجز علي“ ٻيو پٽ ٻہ ڪٽندو،
گهوٽ کي پوءِ، ڪوئي نہ پڇندو،
ڪُنوار حوالي، وڃي ٿيندو،

پو مَانُ مليس، يا جهلي لَتِ،
ملڪ ساري ۾ آهن يت.

— — —

# صوبيدار منهنجو

رَنديون روز ويٺو، ننگيون مان نچايان،
اِهو منهنجو حق آ، مسلمان آهيان.

حڪومت جو اعلىٰ، آهيان مان آفيسر،
سَرِعام رشوت، وٺان ٿو سراسر،
ڪريان ڪون سانگو، سيرون ويٺو واهيان،
اِهو منهنجو حق آ، مسلمان آهيان.

اٿم پيار ڏاڍو، ڏنڊي ۽ ڪونڊي سان،
نوڪر ڪي اُٺاريان، ويهاريان پُونڊي سان،
شرابن جو شائق، چَرس ڪي ٿو چاهيان،
اِهو منهنجو حق آ، مسلمان آهيان.

نمازن ڪان پاسي، نہ روزا رکان ٿو،
لاهي لڄ پَرائي، لَڄن ڪي تڪيان ٿو،
پلو دين پنهنجو، مان بيٺو لڇايان،
اِهو منهنجو حق آ، مسلمان آهيان.

وڏو ڊاڪٽر مان، ڪيم پاس ڊگريون،
وڏي في سان لاهيان، مريضن جون ڏگريون،
ڦريان خلق رب جي، ٿٿو خوف پانيان،

اِهو منهنجو حق آ، مسلمان آهيان.

عوامي نمائندو، ضلع جو مان ناظم،
ناهيان پاڻ ڪنهن جو، ڪو نوڪر ملازم،
بجٽ مان ڳليون، پنهنجي گهر جون ڀريان،
اِهو منهنجو حق آ، مسلمان آهيان.

وڪالت مان واقف، وڏو آهيان وينجهر،
قاعدن قانونن، جو ماهر مدبر،
ڀُلائي ياڳئي ڪي، قاتل ٿو ڇڏايان،
اِهو منهنجو حق آ، مسلمان آهيان.

منهنجا ڪارخانا، مالڪ مان مِلن جو،
ڪريان ٿو ذخيرو، اَنن جو ڪَڻڪن جو،
نموني اهڙي سان، ٿو ناڻو ڪمايان،
اِهو منهنجو حق آ، مسلمان آهيان.

آهيان سيٺ صاحب، تجارت جو ماهر،
ڏسيان مال هڪڙو، ڏيان پيو ٿو ٻاهر،
گيراڪن جو ابتيون، کلون ويٺو لاهيان،
اِهو منهنجو حق آ، مسلمان آهيان.

زميناري منهنجي، ظلم تي ٻَڌل آ،
هارين جي ٻه رت سان، منهنجو هٿ رنگيل آ،

اندرن جا ڪري بُندرَ، هڙون ويٺو ڪايان،
اهو منهنجو حق آ، مسلمان آهيان.

اوطاقن ۾ ويٺا، ڏاڙيوال آهن،
ڪارائيندا مون کي، ڏاڍا مال آهن،
چڱو مڙس آئون، چوريون تو ڪريان،
اِهو منهنجو حق آ، مسلمان آهيان.

آهيان هلندي وارو، ٻَڌايان چئن کي،
صوبيدار منهنجو، ڇڏايان چئن کي،
اِها منهنجي مرضي، ٻڌايان ڇوڙايان،
اِهو منهنجو حق آ، مسلمان آهيان.

ڪاري ڏن مان، ماڙيون اڏايان تو جاني،
ڪرايان انهن ۾ پوءِ قرآن خاني،
مُلن کي ڪئين مرغيون، مٺايون کارايان،
اِهو منهنجو حق آ، مسلمان آهيان.

غريبن جي منهن مان، گراهه تو ڦريان مان،
انهي مان خيراتون، ۽ صدقا ڏيان مان،
اچي عيد الضحىٰ تہ، ڇيلا ڪُهايان،
اهو منهنجو حق آ، مسلمان آهيان.

آهيان گهر علم جو، ڪئين سندون رکان تو،

هزارين روپيہ هڪ، واعظ جا وٺان ٿو،
پگھارون وٺي پوءِ، نمازون پڙهايان،
اهو منهنجو حق آ، مسلمان آهيان.

ٺڳي جي ٺهيل منهنجي، پيري مريدي،
اِبوجهن جي عزت، آهي مون خريدي،
گُرڙ پَڪ وانگر، ٻچا ويٺو ڪاوان،
اِهو منهنجو حق آ، مسلمان آهيان.

ڪريان شاعري، بي حيائي جي بدتر،
ٻُڌن ماڻهو واهه واهه، ڏين داد دلبر،
سنڌيءَ جي ادب ڪي، پيو جڙ ڪان جلايان،
اِهو منهنجو حق آ، مسلمان آهيان.

ڪريان تن جو پيچو، پڙهڻ جي وجن ٿيون،
هلن چيلهه لوڏي، سي ڏاڍيون وڻن ٿيون،
سندن پوندا گاريون، پيو سِر تي وَسايان،
اهو منهنجو حق آ، مسلمان آهيان.

”علي“ يار عاجز، چڱو تون بہ ناهين،
ڪنهن جي حق ۾ اهڙيون، ڳالهيون چو تو ڳائين؟
پنهنجو پاڻ ڪي ڏس تہ، آئون بہ چا آهيان،
اهو منهنجو حق آ، مسلمان آهيان.

---

# گهم بديٹو

گهُم    بديٹو    با غ    بهار

بدين    اسانجو،    ياڳَن    وارو،
پيارو    پيارو،    نيارو    نيارو،
چمڪي    چمڪي،    سندس    ستارو،
سهٹو    ڏاڍو،    سُنڙو    سارو،
سنڌڙي    ساريءَ    جو    سينگار،
گهم    بديٹو،    با غ    بهار.

لاڙ    جي    چڻ    هي،    آهي    دل،
سچ    ٿو    بوليان،    ناهي    ڪِل،
عجب    نظارا،    نِيل    ڪَنول،
ٿهڪ    ڏيو    پيو    هِتڙي    ٿل،
آهي    قلبن،    منجهه    قرار،
گهم    بديٹو،    با غ    بهار.

ٿڌڙا    ڏينهڙا،    ٿڌيون    راتيون،
پياري    موسم،    جون    پرياتيون،
پَندهه    پِرهه    جو،    لائن    لاتيون،

ڏات ڏٺي ڪان، هليون ڏاتيون،
گل اسين سڀ هي گلزار،
گهم بديڻو، باغ بهار.
اڇو اوهان کي سير ڪرايان،
خاص جايون سڀ گڏ گهمايان،
هي ڇا هو ڇا، صاف سڻايان،
ٿاهي سڀ، سمجهايان،
هَٽ ۾ هَٽ، هي شاهي بازار،
گهم بديڻو، باغ بهار،

هي آ انگرووڙل، عجيب،
ڪاليج ڪورٽ، قريب قريب،
جتي پڙهن ٿا، امير غريب،
مَندي، اسپتال طبيب،
ڪوٽ جيلاني، ڇا جنسار،
گهم بديڻو، باغ بهار.

اوپر پاسي، اڏو هوائي،
رهن جتي پيا، فوجي پائي،
دلير آهن، پنهنجا دفائي،
اسٽيشن پي، اِڇها اِهائي،
ٽڪڙي گاڏي، بيٺي تيار،
گهم بديڻو، باغ بهار.

نيڻ ڪٽي تون، ڪر نظر،
لاڙ ميوزم جا، ڏس منظر،
سڏو شهر ڪان، سَر اُتر،
بس اسٽاپ ۽ بجلي گهر،
ميان علي جي، اڳيان مزار،
گهم بديڻو، باغ بهار.

هِن ۾ عابد، هن ۾ عامل،
هن ۾ ڪاتب، هن ۾ ڪامل،
هن ۾ عارف، حق جا حامل،
سَگهه سَمن جي، هن سان شامل،
جيئي جيلاني جيءَ جيئار،
گهم بديڻو، باغ بهار.

پُورو ياوَن، قادري شاهه،
شاهه برهان، ماهه ولي ماهه،
پير عالي شاهه، عاليجاهه،
مولوي حاجي احمد ملاح،
وڏا عقل جا، وير وينجهار،
گهم بديڻو، باغ بهار.

عجب هتي جا مرد عجيب،
شاعر شائق، نيڪ نجيب،
خلق ۾ خُطبا، ڏين خطيب،

ادب جي خدمت، ڪن اديب،
شابسون هجن، شيخ سومار،
گهم بديڻو باغ، بهار.

آهن ذاتيون، هت ڪثير،
سيد سڳورا، پيارا پير،
ملاح مگسي، ميمڻ مِير،
پتي پرڳڙي، پُوت بَجير،
پُسيا پنهور، لُٽر لوهار،
گهم بديڻو باغ بهار.

نُهڙيا، نُونڏاڻي، نظاماڻي،
لُند لغاري، بُوهڙ بَهراڻي،
شيدي شورا، شيخ شاهاڻي،
آهن آريسر، رند عمراڻي،
ماڇي مغيري، مگڻهار،
گهم بديڻو باغ بهار.

جوکيا جويا، جت جوڻيجا،
چنا چانديا، اوڍ اُڍيجا،
سولنگي سومرا سما سَميجا،
ڪُنپر ڪوري، ڪپري ڪوريجا،
جکرا جهيجا، ڪئين جهونجهار،

گهم بديٽو باغ بهار.

مينهن پوٽا، ڪي مهراڻ پوٽا،
ڪور خاصخيلي، لوريڙ لوٽيا،
دائوداڻي، دائود پوٽا،
مُلان مارو، اَبڙا اوٽا،
سيال صُبيرا، ويهي سنيار،
گهم بديٽو، باغ بهار.

ڏوڀي دايا، دَل دلواڻي،
راهمان، راڄا، تُرڪ طاهراڻي،
ڪوسا، خواجا، ڪٽي خاناڻي،
ٻُچا، ٻُرڙا، وَرڙ نوحاڻي،
جنجهي جمالي، قاضي ڪاتيار،
گهم بديٽو، باغ بهار.

سُوها سُرهيا رُونجها راڄڙ
ٻُٽا ٻَڪاري، اُڄڻ اُنڙ
ٻِٽ بروهي، ٻُهريا ٻارڙ
ٿِهيم ٿهيمور، موچي ماهڙ
ڦَهوڙ ٻاڙها، هوت، هزار
گهم بيٽو باغ بهار.

درس ۽ داڙيا، ڪِيريا ڪليري،

خُشڪ ڪتياڻ، مهر مهيري،
ڪاٺياواڙي، قريشي، ڪهيري،
احمداڻي، آرائين تُوئر چَلگري،
سَتيا، سِرائي، سانگي سنگهار،
گهمر بديٽو باغ بهار.

منڌار، مگريا، ڪَسر، ڪورائي،
لاڪا لاشاري، لوڌا، لوٽيائي،
لورا لاسي نانهيان نائي،
ڪاڪڙ ڪوڙا، ناهڙ نورائي،
جَٽ ۽ رانگڙ راها ڏار،
گهمر بديٽو باغ بهار.

چاوڙا، چاڪي، پَلهه پليجا،
ٻُگٽي، پڏالا، ويڙها، جاڙيجا،
چانگ، گوپانگ، سهتا، ساريجا،
ٻير، ٻُدايا، زئونر، زنگيجا،
ٻُگهيا ٻارڇ، نُوندا، نوتيار،
گهمر بديٽو، باغ بهار.

ٻيل بجاڻا، ڪولهي ڪاريا،
چارڻ، ڇُهڙا، گُرڙا، گُواريا،
سامي، شڪاري راوڙا، واٽيا،

پنگي، پاٽيا، باگڙي، پَيا،
ٽَڪر، برهمڻ، مالهي ميگهواڙ،
گهم بديٽو، باغ بهار.

تيل گئس جو آهي، خزينو،
ڪنڊ ڪمند سان، خوش آ سينو،
سپ آهن، زرخيز زمينون،
اَن اَمن، سان پريل بدينو،
چؤڏس آباديون چوڌار،
گهم بديٽو، باغ بهار.

پليون پينديون، پاڇيون ساريون،
ونگا، گدرا، گلاب چانهيون،
مٽر، ميها، موتي پانيون،
ڪايو رب جا، گُڻ پيا ڳايون،
جنهن جا آهن، ڪرم هزار،
گهم بديٽو، باغ بهار.

چٽا چئونرا، مُنگ مَسوري،
گجر، گوبي، مرچ ۽ مُوري،
ڪدو، پالڪ، واڱڻ، توري،
تُوم، ٽماٽا، ڪپن ضروري،
بصر پٽاٽا، ڏاٽا، ڏار،

گهمر بديٽوءِ باغ بهار.

ميهوءِ ڳائوءِ مال اسانجوءِ
کيرِ مکڻ تيءِ خيال اسان جوءِ
روح ردِن اُٿءِ نال اسان جوءِ
عجب جهڙوءِ احوال اسان جوءِ
ڀهکن ڀکرينءِ سان ڀکرارءِ
گهمر بديٽوءِ باغ بهار.

يا الاهي! سُڻ فريادءِ
"علي" هي عالم رک آبادءِ
ديس جا دشمن کر بربادءِ
شال قيامتءِ تائين شادءِ
رهي وطن جوءِ وڏو وقارءِ
گهمر بديٽوءِ باغ بهار.

— — —

# ٿي ويئي پينگ

عجب دنيا جا ڦيرا گهيرا،

روز ڏسون پيا، رنگ رباني،
ڪنهن جي پِيري، ڪنهن جي جواني،
ڪنهن جا پير، ڪنهن جي پِيشاني،
ڪنهن کي نه ملي ٿي، رُکي ماني،
ڪنهن لئه ڪُڪڙ ڏنيرا ٽيرا،
عجب دنيا جا ڦيرا گهيرا.

ڪوئي بنائي، چاڙهيون ماڙيون،
اُس ۾ ڪِن جون، پُٽيون اُگهاڙيون،
ڪِن تي لاهيون، ڪِن تي چاڙهيون،
ڪوئي روئي تو، ڳوڙها ڳاڙيون،
ڪن تي ٽين پيا، ڪِل ۾ ڪيرا،
عجب دنيا جا ڦيرا گهيرا.

مُلڪ ساري جي، ٿي وئي پينگ،
ٽيپ، ٿي وي جي، رينگو رينگ،
ڪُلي عام هلي، ڪسينگ،
مٿو اُگهاڙو، وار واسينگ،
چير هٽي ٿي، چم چم چيرا،

عجب دنيا جا ڦيرا گهيرا.

زال ڪري ٿي، مڙس تي مارو،
وٺ ڪو ڪيسٽ، ڪلامن وارو،
پئسو ناهي ته، آڻ اڌارو،
ڳائڻ لڳي ٿو، ڏاڍو پيارو،
ڏينهن ۾ ٻڌندس، ڏهه ڏهه پيرا،
عجب دنيا جا ڦيرا گهيرا.

نه ته آئون مائٽن، هلي ويندس،
واپس موٽي، ڪانه ايندس،
دانهن بابا کي، تُنهنجي ڏيندس،
ڪونڌيو ٻُڌندين، ونڌيل ڳيرا،
عجب دنيا جا ڦيرا گهيرا.

مڙس ويچاري، جي مجبوري،
پَٽي سَٽي، پيي ڪندو پوري،
يا وڃي ڪِٿ، ڪندو مزدوري،
سرديون گرميون، ڇيبون ڇيرا،
عجب دنيا جا ڦيرا گهيرا.

رشوت روڙا، پَٽ پٿان آ،
جهاوا جهڙپون، جَهٽ جَهٽان آ،

ڇُري ڳلي تي، ڪَٺ ڪٺان آ،
سيڻ سنگت ۾ سٺ سٺان آ،

ڪوئي نهين هي، تيرا ميرا،
عجب دنيا جا ڦيرا گهيرا.

مُلان مُفتي، قاري قاضي،
نوڪر شاهي، تاجر تازي،
رڪن شڪار، گهمايو غازي،
بنائي ويٺا. ڦُر جي بازي،
پيا پيي اهڙا، لک لُٽيرا،
عجب دنيا جا ڦيرا گهيرا.

چال هٽيو ٽا گهُمن چورا،
ڳلن ڳاڙها، ڳورا ڳورا،
ڪُنوار وانگي ٽيا، گهوٽ جا گهورا،
ڍنگ وسائن، ڍنڍون ڍورا،
نر سان نَر جا، ٽين نبيرا،
عجب دنيا جا ڦيرا گهيرا.

جنهن وٽ نوٽ نہ آهي ناڻو،
سو تہ جهڙو ڪر، ڪونهي ماڻهو،
نڪي تنهن لئہ دوا، داڻو،
نڪا ڪورٽ، نڪو ٿاڻو،

دل ۾ تنهن ڪي دردن ديرا،
عجب دنيا جا ڦيرا گهيرا.

شانُ آ پئسو، مانُ آ پئسو،
جڳ ساري جي، جان آ پئسو،
اڄ جو دين، ايمان آ پئسو،
بلڪ ڪلمون، قرآن آ پئسو،
پئسي جا هِت، غلام گهٽيرا،
عجب دنيا جا ڦيرا گهيرا.

پئسي تي پئي، عزت وڪامي،
پيار عداوت، پرت وڪامي،
ننگ وڪامي، نيت وڪامي،
پئسي جا سڀ چُمن پيرا،
عجب دنيا جا ڦيرا گهيرا.

"علي عاجز" وئي، مُسلماني،
ڪهڙي هلي پيئي، ڪارستاني،
رهي آهي بس، شڪل انساني،
ڳالهه حيواني، چال حيواني،
ماڻهو جهڙا ڪر، وَهڻ وچيرا،
عجب دنيا جا ڦيرا گهيرا.

— — —

❊❊❊